اجمير

جا

اَديب

★

سنڌو ساهتيہ سنگت جي انوکي پيٽ

ساهتيڪ رچنائن جو مجموعو

اجمير جا اديب

سنڌو ساهتيه سنگت جي انوکي ڀيٽ

سال ١٩٧١ قيمت ۲ روپيا

ادبي ڪاميٽي

ولڀچا 'زنده'
ڪلياڻداس وزيراڻي
ٺيمتراءِ 'ڪالب'
هري همٿاڻي
سڀرو 'سيماه'
چونواڻي 'ڀيرس'

مجموعو سينگاريندڙ

گووردن 'ڀارتي'
ولڀچا 'زنده'
ٺيمتراءِ 'ڪالب'
سڀرو 'سيماه'
ڀولڻ 'راهي'
چونواڻي 'ڀيرس'
ڀوڄومل 'ڀوڄو'
ديودت شرما
مرچومل سوني
شيوڪرام سوني
ديوداس 'مسافر'
ديوچندر 'چندر'
ايشور 'جوڳي'
نارائڻداس ڀمڀاڻي
ڀريداس برهمچاري
نارائڻداس ميراڻي
هري همٿاڻي

ويا جن اجمير جي ادبي تواريخ ۾ هڪ نئون ورق
ورايو جو ڪنهن کان وسرڻ جو نه آهي. علم ادب جي
شوق جون لهرون اٿڻ لڳيون. نثر ۽ نظم جي گوناگون
تصنيفات لاءِ تمنيد اڀرڻ لڳي ۽ علم- ادب جو حوصلو
وڌيو بلند ٿيندو. اڄ به ڪي مکڙيون آهن جي اڳتي
هلي ادبي- شمع جي چوڌاري ڦٽي گل ٿينديون ۽ سنڌي
ساهتيه جي ڦلواڙيءَ کي پنهنجي هڳاءَ سان معطر ڪنديون.
البت اسانجو محبوب اديب شري گووردن 'ڀارتي'
طبيعت ناساز هئڻ سبب ادبي محفلين کان دور ڪنار
رهيو ۽ محفلن ۾ هڪ خال محسوس ٿيو.

ان ڏانهن واءِ جڏهن جڏهن ٻاهريان اديب اجمير ۾
پڌاريا آهن تڏهن ادبي ڪاميٽيءَ جي طرفان انهن جي
عزت افزائيءَ طور خاص پروگرام ڏنا ويا آهن. سرو
شري نارائڻ 'شيام'، واسديو 'نرمل'، ارجن 'حاسد'،
الم، هنس پنجابي، رام ڪشتريا 'معصوم'، لڇمڻ ڀاٽيي،
مولچرام 'ساقي' چند غير مڪاني شاعر ۽ اديب آهن جن
جي سواگت ۾ ادبي محفلون لڳايون ويون جي معمول
درجي داخل آهن. نه رڳو ايترو پر ڪن مشهور هندي
۽ اردو شاعرن ۽ اديبن پڻ شوق وچان اسانجي محفلن ۾
شرڪت ڪئي آهي جن جي انهن ادب ۽ نوع
کان متاثر ٿي اسانجي سنڌي اديبن سنڌي ساهتيه جي
خزاني کي ڦلوهت بي بخشي آهي.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ١١ اپريل ١٩٧١ جمهور
جي 'سهڻي' مخزن جي پاليڪارن آل- راجستان اديبن
جو ميڙ سڏايو جنهن ۾ اجمير جي ڪن اديبن نيهن پري
سنڌ ملڪ لاءِ ادبي پروگرام ۾ شامل ٿي چڱو ڀاڱو موڪيو.
سين ڪاري ڪرشان سرو شري سندر اگناڻي، لڇمڻ

پر اڄ

اهو ڏينهن ٻه ياد اٿم جڏهن گذريل سال سن
ساهتيہ سنگت جي عهديدارن جي چونڊن جو ڇهيتو ڏ
لاءِ ڪنهن دل-گهرئي دوست دل هرڪائي. خواب خيا
۽ ڪين هوم تہ ادبي سيڪريٽريءَ جي عهدي جو سه
اٿين اچانڪ منهنجي سر کي پڙو ويندو. ارادي نـ
هوندي به وقت جي تقاضا ادبي سرگرمين ڏانهن ڳهل
وڌي. شروعات نهايت دل-شڪستہ واهو منجهل ۾ ٿي
جو اُن هم-رفيق اديبن شري هريءَ همتاڻيءَ ۽ شر
ڀڳوان ٿلوانيءَ ڪاليواه کو ليون اديب پلجي ۽ شراڌ
نہ ليندو هو ڪڏهن نہ اڪيلو ئي منهنجي حاضري
پري ۽ اداس چهرو سان ڪٽي اچي گهر پهرو ليند
هوس. هيڊ ماسٽر شري جهمٽمل ٿلواڻي جنهن منهنج
وديالي ۾ ادبي ڪلاس لڳائڻ جي اجازت ڏني تنه
پڻ اها روئداد ڏسي چڱو ساٿ ڏنو ۽ هر ڪنهن منهنج
منهنجي طرفان اجمير جي اديبن کي هڪ هنڌ ملائڻ ج
ڪوشش ورتي. نيڪ ڪارج سڦل ٿيو ۽ اديبن جو هڪ
چڱو خاصو مجموعو تيار ٿيو ۽ هر هفتي آرتوار ڏينهن
ادبي محفل جون سرگرميون صحيح روپ ۾ شروع ٿيو
۽ چاهه وڌندو ئي رهيو. ٿوري ئي عرصي ۾ محفل اهڙ
نہ رنگ لڳايو جو ادبي خوشبوءِ کان متاثر ٿي ڪيت
اڪل لعل، رتن راڻا ۽ ڪماري-ڪهي ڪيل اد
اچي محفل ۾ شامل ٿيا ۽ پوءِ کي نوان ڪنول پڻ جاڳ
اٿيا. مطلب تہ جيتري ئي آشاوادي ماحول مان شروعا
ٿي هئي اوترو آشاوادي واتاورڻ حاصل ٿيو ۽ ڪان
اجمير جي ادبي پليٽفارم تان ٻه شاندار مشاعرا پيش ڪ

گوورڌن "ڀارتي"

اڄمير جي هن پرسڌ ساهتڪار جو جنم آراضي ڳوٺ، دادو ضلع، سنڌ ۾ ٿيو هو. هن وقت ۴۲ ورهين جو آهي ۽ ويسٽرن ريلوي ۾ ملازم آهي. سنڌي ساهتيه ۾ ڪلا طرف ڇڱي وک وڌائي اٿس. پنهنجي انوکين رچنائن کي عملي روپ ڏيئي، نظم، سنگيت، ڪهاڻين ۽ ناٽڪن کي رنگ منچ تي آندو اٿس، جنهن سبب کيس علمي خواه فلمي دائري ۾ ڇڱي شهرت ملي آهي. "لاٽين" ۽ "لٽين ستي" ٻارن جي گيتن ۽ ڪهاڻين جي ڪتابن لئي ڀارت سرڪار تعليمي وزارت جي طرفان کيس انعام مليا آهن. گل ۽ مکڙيون، الا مهين ملير، پيلو چنڊ، لعل داغ، طوفاني رات ۽ عمر مارئي ان جا چونڊ ڪتاب آهن. اڄمير جي سنڌو ساهتيه سنگت جو روح روان ۽ جنرل سيڪريٽري آهي.

پيا ڏي ۽ واڌارو سنڌو ڀارتيءَ جي شيوائن جا تهدل
شڪرگذار آهيون.

هن اَدبي ٽڪڪي جي شايع ٿيڻ جي دوران ۾ ـ جيڪي دقتون درپيش آيون تن جو ذڪر نه ڪري اسين پنهنجي اديبن جي هيءَ ننڍڙي روپ- رنگ اوهان اڳيان آندي آهي جنهنجا مصنف پڙهندڙن ئي ٿيندا. انسان ته آهي ڪمين پنهنجن جو گهڻو ئي نظر انداز ڪرڻ آهي اوهان جو وڙ. ڪن اديبن جون رچنائون ڪتاب جي ڇپجڻ جي اُميد ڪانهن ۾ نه ٿيڻي سگهيون، ۽ ڪن اسرندڙ اديبن جون ڀلي رچنائون ڪن اڻ- ٽر سبب ڪري هن گلدستي ۾ استان نه پائي سگهيون آهن. ما اَدبي ڪاميٽيءَ جي ڀاران سنگت جي پرزيڊنٽ صاحب وائيس پرزيڊنٽ صاحب، جنرل سيڪريٽري صاحب ۽ ٻين ڪارپردازن جو تهدل شڪرگذار آهيان جن اسا کي اجمير جي سنڌ اَدبي شڪتين جاڳائڻ ۾ مدد ڪر سنڌي اَدب کي ترقيءَ جي شاهه- راهه تي پهچائڻ سانڍ پٽي ڏنو آهي.

پڇاڙيءَ ۾ اهو ئي وشواس اٿون ته هيءَ اَدب شاخا جن جي همت، سرجوشيءَ ۽ شوق سبب موجو ڪڙيءَ تي پهتي آهي انهن کي مستقبل جا عهديدار پن پوڻ نه ڏيندا پر اڃا ۾ وڌيڪ رونق- افزا بڻائي مضبوط ڪري سنڌي ساهتيه کي طاقت بخشيندا جي ۾ نه صرف پنهنجو پر سنڌي قوم جو جس ۽ شان آهي

٢٥ اپريل ١٩٧١
اجمير

موتيرام - وليچا 'زنده'
اَدبي سيڪريٽري

موتيرام ولڀچا "زنده"

اصل وطن سکر سنڌ جو هاڻي اجمير ۾ انگريزي اڌياپڪ آهي، جنهن وشيه ۾ M. A. ڊگري پاس ڪئي اٿس. هن وقت ٥٨ سالن جي عمر جو ٿيندو. هو زنده-دل ۽ خوش-خلق شاعر آهي ۽ نظم سان گڏو گڏ سنڌي خواه انگريزي نثر نويس پڻ آهي. روشن دماغ سان شامل دل جي نزاڪت پڻ اٿس. گهڻي ڀاڱي سندس شعر اڻ ڇپيل آهي، جيتوڻيڪ ڪجهه رچنائون ڪن رسالن، مئٽرڪ ۽ انٽر ڪلاس جي درسي ڪتابن ۾ جڳهه حاصل ڪري چڪيون آهن. سندس شعر ۾ جوانيءَ جو جوش ۽ خروش ۽ خيالن جي پختگي ڀريل آهي. هن وقت "سنڌو ساهتيه سنگت" جو ادبي سيڪريٽري آهي ۽ سندس ئي چاهه سبب اجمير جي اديبن جي هڪ چڱي خاصي محفل لڳندي رهندي آهي ۽ مشاعره پڻ ڪيا ويندا آهن.

وائي

آءٌ سڏي ٿي سُوري، يار!
لاهي اچ تون سر جو سانگو!

۱- ڏک ڏولاوا گويا ڏوليون،
سُور ٻـ ٿن له جڳ سينگار،
جن کي نينهن ڪيو آ لانگو!

۲- ٻوڙي جن نه ٻائي، تن ٿي
ڪڙڪي تعصب جي تلوار،
سک جو سودو ناهه سهانگو!

۳- مرڪي ڪنڌ ڪٽائيندا ويا،
هوشو، هيمو وير هزار،
آزاديءَ جو پنڌ اُٽانگو!

۴- دوکو آ سو دينُ، ڪري جو
ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ کان ڌار،
بهتر ڪٽڻ ڪفر جو گهانگهو!

۵- ڇا له تو ڇو ڪين ڇولين کان؟
لهر لهر جڳ آ منجهڌار،
ڪوئي ٻي ٿڙ ناهي لانگهو!

غزل

اي حسن! حجابن کان تنهنجي سجدن کي شڪايت ٿي نه وڃي
جو تنهنجي حجابن کان موٽي، غيرن جي عبادت ٿي نه وڃي.

اڄ عيد جي ڏينهن مبارڪ سان، ڪر حسن نمايان تون پنهنجو
جو تنهنجي لقا ان جي ڪڏهين خود مونسان حمايت ٿي نه وڃي.

سڀ تنهنجي تغافل تي راضي مذهب ۽ شريعت جا حامي
آ خوف، خدا جي خدائي مٿان هڪ ٻي سياست ٿي نه وڃي.

اڄ دين ۽ تون ايمان ۽ تون ڏسجانءِ مٿان ڪنهن منزل تي
منهنجي بي يقيني ۾ ڪڏهين، پيدا ڪا بغاوت ٿي نه وڃي.

محروم نه جلوي کان رکندي پردي جي حفاظت پر(ء) تنهنجي
جو عشق سندو هي جذون وڌي، چلمن جي قيامت ٿي نه وڃي.

احساس جي غيرت جا ٽڪرا، انجام الاجي ڇا ٿيندو
ڪٿ عشق جي دنيا ۾ ڪڏهين- اي حسن! عداوت ٿي نه وڃي.

'زنده' جو اهي تلخيون اڳتي اختيار ڀيانڪ روپ نه ڪن
جو خارن سان لڏو لاڙڪ جي پيدا ڪا لياقت ٿي نه وڃي.

مصرع طرح مشاعري ۾ پڙهيل:- غزل

وڃي ٿو ڏينهن بہ ڏينهن ٿيندو خزان هي بوستان منهنجو
خبر ناهي وڃي ملندي مٿان نام ۽ نشان منهنجو
اڙي صياد! تون هڪ ڏينهن خود پئي دربدر ٿيندين
اجاڙيو باغ مان آهي اگر تو آشيان منهنجو
وڃن ٿا دور جي هڪڙا تہ ٻيا اُن جي پٺيان آهن
هلي ٿان سلسلي ۾ پيو ڏکن جو ڪاروان منهنجو
زماني پئي چڙهيون منهنجون مڇهائي اڄ مٿون آهن
الاجي ڇو صلو ڪڍهين وري ٿيندو جوان منهنجو
جو سمجهائي نہ سمجهان ٿو، ٿي ڪهڙي ماجرا آهي
لڳي ٿو خود ضمير آهي ۽ ٿيو ٿي بدگمان منهنجو
لبن تي مهر خاموشي ۽ دل ۾ درد جو دونهون
صبر ۾ پيو ٿئي سارو عجب هي امتحان منهنجو
لڳو طوفان اهڙو جو اميدون خاڪ ٿي ويون
بچيو آ زلزلي خاطر هميشہ خالي مڪان منهنجو
مان ڪنهن سان بار هي دل جو ونڊا اوري ڪيان هلڪو
رهيو ڪوئي نہ همدم ۽ وري ڪو رازدان منهنجو
ڪيم حيلا هزارين پر مقابل آهہ ناڪامي
ڪندو اُت شاعريءَ جو ڇا اثر تير ۽ ڪمان منهنجو
اچي سنسار ۾ گردش، فلڪ مان پڻ ڪري بجلي
زبان سان ٿئي ذرو ظاهر، اگر هي داستان منهنجو
ا هڪڙو ئي رهيو احساس "زنده" حال منهنجي جو
اچي ڏس روبرو جانان، هئو آ بي زبان منهنجو

اوهان جي رات ئي روشن - اسان جو ڏينهن ئي ڪارو ،
اوهان جو ڏينهن ئي چمڪي - اسان جي رات ئي ڪاري ،
اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن ٻيا - ٻئي روشن ٻئي هڪسان ،
اسان جو ڏينهن ئي ڪارو - اسان جي رات ئي ڪاري .

ذري ۾ خاڪ جي سوڙهو ٿي سمائي ڄاڻان ،
وري مان ٻهلجي دنيا کي وسائي ڄاڻان ،
وري جي چاهيان نگاهن لان هٽائي پڙدا ،
پرهي دنيا کان دامن ٻـ بچائي ڄاڻان .

ڪڏهن ته چنڊ ستارن سان گفتگو ڪندي ،
ڪٿين عالم کي وسائڻ جي جستجو ڪندي ،
ڪڏهن ساحل تي ٻڏڻ جو ته رهي ٿو خطرو ،
ڪڏهن موجن سان لڙائي ٿي دوڙ ڪندي .

جيڪاري لاش اُلاريا مون ڪيئي لهرن مان ،
ٻئي جهان جهڪايا مون پنهنجي نظرن کان ،
رهيو ٻـ پنهنجي ئي ڪرمن کان ڪرڻ جو آهي ،
ڪري نه شال پوان پنهنجي پيارن نظرن کان .

قطعات

مونکي ماريو منهنجي نگاهن ئي ماريو،
دنيا سمجهي مونکي گناهن ٿي ماريو،
خزان ڪين ماريو جڏهن گڏ هئين ٻون،
جدائيءَ ۾ مونکي بهارن ئي ماريو.

ڪٿ گل وسن، شبنم وسي، گوهر وسن؛
پر منهنجي دل ٿي جي وسن، ڳڙ وسن؛
برسات وسڻ ۾ چمن ٿي ٿي وسي؛
پر غم سدو ڪمرن جي اندر ٿا وسن.

مان هِن پاسي، هي تنهنجو، منهنجي ٿالي؛
تون هُن پاسي، هوءَ تنهنجو، تنهنجي ڪالي؛
بالڪي وچ ۾ اَڌ پت تنهنجي، اَڌ پت منهنجي؛
ڪنهن ٿي چالو اَڳتي جهيڙو تنهنجو ٻچا ٿي؟

مصرع طرح مشاعري ۾ ڏنل:- غزل

ڇوي ٿو ڪير ٿي ويو آ، چمن لڏڻ ڄوان منهنجو
سدا سرسبز هو، آهي ۽ رهندو گلستان منهنجو!

١- سڄي سنسار کان سندر ڏٺيو هي بوستان منهنجو
لهي فردوس جڳ آهه زمين جي آ مٿان منهنجو!

٢- جدا مذهب، جدا ذاتيون، جدا رنگ روپ ڀاشائون
لڏهن ٻيي آ محافظ لئن سڀدو هي مهربان منهنجو!

٣- فقط منهنجا نه منهنجا، ٻر ٻروا ٻي ڪيا منهنجا
اصل کان ٿي آ، هي مهمان نواز، مهربان منهنجو!

گرڌرراءِ ”ڪاتب“

هي صاحب اصل ٺٽي آدم سنڌ جو رهواسي هو ۽ هاڻي اجمير ۾ سرڪاري اسڪول ۾ اڌياپڪ آهي. سندس عمر اٽڪل ٥٠ ورهيه ٿيندي. ڳائي وڄائي جو شوق، ڪرن جي خانداني بخشش سان گڏو گڏ شعر ۽ شاعريءَ جي ڏس ۾ پڻ چڱو قدم وڌايو اٿس. بحر وزن جي به ڄاڻ اٿس، سندس شعر گهڻي ڀاڱي اڻ-ڇپيل آهي. سنڌيءَ کانسواءِ اردو ڀاشا ۾ پڻ شعر رچيندو آهي ۽ مشاعرن ۾ شرڪت حاصل اٿس. ڊرائنگ ۾ قابل هئڻ سبب سندس هٿ اکر اهڙا آهن ڄڻڪ پريس مان ڇپجي نڪتا آهن.

گيت

شايع ٿيو رت جي بدلجڻ جو آ جهڙو اشتهار،
اُن منجهان سمجهان ٿو مان شايد شروع ٿي آ بهار.

١- مست ٻهارو ٿي بسنتي ٿا جڏهن وڻ ٽڻ لڏن،
ٻهار مان ونجهو اچي خوش ٿي ٿا ٽهڪڻي کي چمن،
ڳال ۾ ڳاڙهون ڦڃن ٿيون، ٿي کهلي جڏهين هوڻ،
۽ سريلا ساز جا آواز ٿا ڪن مان اچن،
جڻ ته ٻلبل جو سرندو ٻا وڄي ٿي ڪا ستار،
اُن منجهان سمجهان ٿو مان شايد شروع ٿي آه بهار.

٢- ڇا مزو ۽ موج پيدا ٿيو وڃي گلزار ۾،
ٿو مغز ٻي سر لڳي ڦولن سندي مهڪار ۾،
ٿي پوي رڳ رڳ ٺري هن هير جي ٿڌڪار ۾،
هيءَ هوا جڻ جان ڦوڪي ٿي ٿڪن، مُردار ۾،
۽ چڙهي هر چيز کي سچ ٻچ ته ٿو خاصو خمار،
اُن منجهان سمجهان ٿو مان شايد شروع ٿي آ بهار.

٣- ڳاٽ اوچي سان ربيع جو فصل ٻهو اُس ۾ ٻچي،
کيت ٻهچي کي ڏسي ڪڙمي نظر خوش ٿو اچي،
ٿي گلالن ۽ رنگن سان موج هوليءَ جي مچي،
۽ اُمنگن مان وڃي ٿو چنگ ۽ ناچو اچي،
ڪو ته هولي، ڪو ته ڏي رهڙ، ڪو ته ڳائي ٿو ذمار،
اُن منجهان سمجهان ٿو مان شايد شروع ٿي آ بهار.

۴- زماني دور ٻهنجي ۾ مِٽايا ڪيئي آڪرا
مِٽائي ٿر نه گردش ڪا سگهي هي آشيان منهنجو

۵- نه هندو مان، نڪي مسلم، نه عيسائي، نڪي سِکُ مان
فقط هندي مان آهيان ۽ وطن هندوستان منهنجو

٦- صداقت جو، شرافت جو، ديانت جو، عبادت جو
وطن جي لاءِ محبت جو وٺي ڪو امتحان منهنجو

۷- مسرت ۾، مصيبت ۾، اَميريءَ ۾، فقيريءَ ۾
وطن هر حال ۾ آهي رهيو بس رازدان منهنجو

۸- اها منزل ته ترقيءَ جي اَچي جيڪر اجا جلدي
شرافت سان هلي جي ديش جو هر حڪمران منهنجو

۹- نڇاور تو مٿان تن، من ۽ ڌن جي ٿيو نه ڇا ٿي ٿيو
وڃي شل تو مٿان قربان ٿي هي خاندان منهنجو

۱۰- حڪومت هند جي شل ٿئي سچي سنسار ۾ قائم
هِتي جهولي، هُتي جهولي ترنگو هي نشان منهنجو

۱۱- ترانو ديش واسين هي پڙهو "ڪاتب" نه ڇا ٿي ٿيو
مزو ٿئي جو پڙهي هر غير هندي هم-زبان منهنجو

سمرُ ”سماھ“

اصل شهدادپور سنڌ جو ويٺل هينئر اجمير جو بهترين غزل-گو شاعر آهي. عمر جي لحاظ کان ٣١ سالن جو نوجوان دوست ۽ ٽيليگراف کاتي ۾ ملازم آهي. سندس شعر ۾ مزاج ۽ رواني پرهل آهي ۽ ڪيس بحر وزن جي ڄاڻ سٺي ڄاڻ آهي. اجمير جي سٺن اديبن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. سندس خيالن ۾ اُڏام ۽ پختگي ڄاڻ آهي. سندس ڇپايون سنڌي رسالن ۽ مخزنن ۾ وقت بوقت شايع ٿي چڪيون آهن. سندس شعر پڙهڻ جو انداز انوکو ۽ لوڪ-پريه آهي.

٤- ڪو نڪو ڪنهن جي تصور ۾ رهي غلطان ٿو
ڪنهن نه ڪنهن پياري مڪان پر نمي ٿئي مستان ٿو
ڪو سندن نازو أدائن تان ٿئي قربان ٿو
ڪو وري تن، من ۽ ڌن، ۽ ڪو نثاري جان ٿو
ڪنهن نه ڪنهن کي، ڪنهن نه ڪنهن جي ٿي رهي هردم پچا
أن مهجهان سمجهان ٿو مان شايد شروع ٿي آ بهار

٥- شبنمي بوندون گلن تي ٿيون اٿين چمڪن صفا
جهڙ ته لا مولي سجا تن جي مٿان جرڪن اُجا
پر اها پورب مهجهان سورج ڪرڻا پنهنجا ڪما
زندگي تن ماڪ جي قطرن جي ٿي ٿئي ۾ فنا
بي بقا چيزن جي هستيءَ اِي آ ڪهڙو اعتبار
أن مهجهان سمجهان ٿو مان شايد شروع ٿي آ بهار

٦- هير پرپالي لڳي جڏهن وقت هر گلشن اندر
شاعري جذبات پيدا ٿي ڪئي هر من اندر
روح کي راحت رسي ۽ تازگي هر تن اندر
شعر شاهي ويو سڀو لکجي صرف مٺن اندر
ڪيئن نه ڪاتب جي أمڪن کي ملبو جلدي اُپار
أن مهجهان سمجهان ٿو مان شايد شروع ٿي آ بهار

غزل

١- پيار ڪنهن جو به مان پائي نه سگهيس،
زندگي پنهنجي سجائي نه سگهيس!

٢- ڪا نظر ڪنهن سان ملائي نه سگهيس،
ڪنهن کي به دل ۾ سمائي نه سگهيس!

٣- غم هزارين نه سمايم دل ۾،
ڪا خوشي دل ۾ سمائي نه سگهيس!

٤- جام الفت جا مليا ڪيئي مگر،
خود کي بيخود مان بڻائي نه سگهيس!

٥- ٿي پلاڻڊ له سڀاريم جنهن کي،
ڪا گهڙي ٿنهن کي پلائي نه سگهيس!

٦- پنهنجيءَ دل کي جلايم هردم،
ٻئي جي دل کي ها، جلائي نه سگهيس!

٧- مرڪي مرڪي به زماني ۾ ”سماڻ“،
لڙڪ پال پر به لڪائي نه سگهيس!

مصرع طرح مشاعري ۾ پڙهيل :- غزل

١- گلن ۾ جستجوُ منهنجي، ڪلين ۾ داستان منهنجو
چمن ۾ روز شبنم جي لڙن لڙي آ بيان منهنجو

٢- سحر ۽ شام جي هن خوشنما آنچل اندر آهي
بهارن جي حسين لب مسڪراهٽ ۾ نشان منهنجو

٣- جگر جي خون، دل جي حسرتن سان مون ڪيو آباد
خزان جي دور ۾ سو شادمان آ گلستان منهنجو

٤- ڪڏهن معصوم مکڙين جي حيا ۾ آ پنهان، ڪٿ
گلن جي لڀي مڌر مسڪان ۾ آهي مڪان منهنجو

٥- سماءُ ل چمن لڏڪن ۾ هزارين برق ٻـڪ آهن
جلي خود ويندو گر ڪنهن هي جلائو آشيان منهنجو

٦- ڏلو جنهن 'جنت جوان ۽ جنت ڪمان' جو نعرو گلشن کي
سنڀال سوئي ٿان ٿان ۾ "سماءُ" آ باغبان منهنج

مصرع طرح مشاعري ۾ پڙهيل:- غزل

١- مٽائي ڪين سگهندي وقت جي گردش، نشان منهنجو،
نه مٽبو صفحي-هستيءَ تان ڪڏهن ٻي داستان منهنجو!

٢- ڪڏهن منزل اچي منهنجي خوديءَ کي خود ڪندي سجدو،
ازل کان آ روان، رهندو روان، هي ڪاروان منهنجو!

٣- لکان هر لفظ ٿو منهنجي جگر جي خون جي مس سان،
چمن آ، شوخ آ ۽ سرخ آ ان لهه بيان منهنجو!

٤- رهان مان باغ يا صحرا ۾ ليڪن دل دعا گهرندي،
رهي سرسبز سرسو شال ٿَرُهو بوستان منهنجو!

٥- اکيون آليون، مٿل مٺ، زرد چهرا ٿو ڏسان چوڌر،
چوان منهنجي زبان سان ڪيئن، وطنُ آ شادمان منهنجو!

٦- خدا! ڀلان مونکي تون حوصلو ۽ سهن-شڪتي ڏي،
ڀلي ڀو(ه) درد ڏي مونکي، ڀلي وٺ امتحان منهنجو!

٧- نه ٻاجهه تون اڪسي منهنجي، ٻُڌي تون ڏک لاڙهندان،
نه همدم آ زمين منهنجي، نه همدم آسمان منهنجو!

٨- عمر اهڙائي منهنجا جسم تي ظاهر ڪندي "راهي"،
ڪڏهن نه دل جوان هوندي، جگر هوندو جوان منهنجو!

ڊولت ”راهي“

هن نئين اسريل شاعر جو جنم ١٩٤٩ ۾ ٿيو. هاڻي انگريزي سڪول ۾ اڌياپڪ آهي. اصل کان سنگيت سان چڱو شوق اٿس ۽ سنڌي شاعريءَ ڏانهن لڙڪي وک وڌائي اٿس. سندس نظمن جو تازو ڇپيل مجموعو ”نيڻن اولڙو نينهن“ سندس ادبي ليافت جو جو ثبوت آهي. ٺاهي به پاڻ، ڳائي به پاڻ ۽ وڄائي به پاڻ. ٿانئڪن، ادبي محفلن ۽ ميڙن ۾ بهرو وٺندو آهي. خيال سان گڏوگڏ بحر وزن جي ڀڃ چاڙ رکي ٿو. اردو شاعريءَ لاءِ پڻ پنهنجو شوق فرمائيندو رهندو آهي. سنڌو ساهتيه سنگت جو ڪلچرل سيڪريٽري ۽ ادبي ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهي.

نانڪ چوٽواڻي 'بيوس'

هي اصل سکر سنڌ جو ويٺل آهي سندس عمر اٽڪل ٣٨ ورهيه ٿيندي. بي. اي، ايل ايل. بي. جي ڊگري پاس ڪري وڪالت ڪندو آهي. ساهتيه رلن ۾ پاس ڪيو اٿائين. سنڌي ساهتيه سان ڪافي پريم اٿس. خدا ترس، سچاءَ جو پوڄارو ۽ غريبن جو حامي آهي. کيس شعر لکڻ جو شوق گهڻي وقت کان ئي رهيو آهي. سندس رچنائون خدا جي ذڪر ۽ فڪر سان ڀريل آهن. ڪيترا دوها، وايون ۽ غزل لکيا اٿس. سندس شعر گهڻي ڀاڱي اڻ-ڇپيل آهي. سنڌو ساهتيه سنگت جي ادبي ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهي ۽ ادبي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهندو آهي.

غزل

١- ٽوڪي نہ آهہ حاجت- ڳل جي خطاب جي
ڳل ڳل ۾ آهہ رنگت- تنهنجي شباب جي
٢- تنهنجو حسن جوڀن- گويا آ گلستان
آ سونهن مورتيءَ جي- خوشبوءِ گلاب جي
٣- مخمور آهيان دائم- موکي نہ آهہ ڪا [illegible]
تنهنجي اکين جي هوندي- حاجت شراب جي
٤- ڦرليءَ لئي آهين ٽون؟- اُڀ ۾ هو چنڊ، [illegible]
تنهنجي اڱڻان آيو ڪي- سونهن ماهتاب جي
٥- ٽيسين نہ حسن ڏيندو- ديدار عشق کي
جيسين نہ دور ٿيندي- پت هيءَ نقاب جي
٦- ٽيسين نہ دل ٽٽان پلمس- هر هڪ ادا سندءِ
جيسين آ ياد ساعت- تنهنجي حجاب جي
٧- هيري کان سرس لڳندءِ- پاڻيءَ جي ٻوند هڪ
رڻ ۾ هجي ضرورت ٽوڪي جي آب جي
٨- محسوس ڇا ڪندين ٽون- ٽون آن تماشين
شاعر کان ٽون پڇي ڏس- صورت عذاب جي
٩- آ ڏاس ماءُ منهنجي- ڏک ڏي؟ ولج ٿئي
ماري، دوا ڪري جيئن- جهجل عذاب جي
١٠- "راهي" نہ بزم ۾ اڄ، ڳايان هان ڪو غزل
ڪنهنجي اکين رکي ٿو هٿ جواب جي

غزل

آءٌ پنهنجي دل منجهان غم کي ڀلائڻ ٿو گهران،
غم ڀلائي ڀاڻکي ٿو ۽ سمائڻ ٿو گهران.

مون ۾ آئي جا خودي، آهي خودي يا بيخودي،
خود خوديءَ کي بيخوديءَ ۾ مان ملائڻ ٿو گهران.

ڪهڙي ڪم جي واسطي آئس، ڪٿان؟ ويندس ڪٿي؟
تو رکي جا رمز تنهنجو اَنت پائڻ ٿو گهران.

ڳمت پنهنجا پرت جي سنگهت سان جوڙي ڪري،
لڪ ولي، لڪ ۾ اچي، مان لڪ ولائڻ ٿو گهران.

بحر ۾ جا لهر اُڀري، غرق 'بيوس' ٿي ڪٿي؟
لهر وانگر بحر ۾ مان پئي سمائڻ ٿو گهران.

غزل

هوائن سان اڏامي مون دنيا جو رخ ڏٺو آهي
۽ جاڳي مون بہ سربستہ فضا جو رخ ڏٺو آهي

ڪٿي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڪٿي ڇا وري ٿيندو
هوائن ۾ هوا ٿي مون هوا جو رخ ڏٺو آهي

ڏٺيون مون محفلون آهن فلڪ تي چنڊ تارن جون
ڪٿين پيرا مون قدرت جي ڪلا جو رخ ڏٺو آهي

اهي بادل ۽ برساتون ڪٿان ڪيئن ٿيون ٿيون
گهٽا ٿي ٿڌ وجهي ڪڏاهن، گهٽا جو رخ ڏٺو آهي

ڪٿان ٿيو وهڪرو جاري ندين، نالن ۽ جهرڻن ۾
مٿان جبلن جي چوٽين تان درياه جو رخ ڏٺو آهي

اڏان ٿو آسمان ۾ مان بقا جي صرف ڳولا ۾
مگر 'بيوس' بقا ۾ مون فنا جو رخ ڏٺو آهي

مصرع طرح مشاعري ۾ پڙهيل:- غزل

وڃي ٿو ڏينهن ڏينهن ٿيندو خزان هي بوستان منهنجو ،
خبر ناهي ڪڏهن آباد ٿيندو گلستان منهنجو .

۱- بهاريءَ ۾ هُئي خوشبوءِ - پُوريا ٿي پونئر الهڙون ،
چمن ۾ ڇهڪو ڪونهي - اُلاڻو آشيان منهنجو .

۲- تبادل جو طريقو آهي - فطرت جي اصولن ۾ ،
مگر تقدير جو نڪتو - اڃان ناهي عيان منهنجو .

۳- سنسڪارن سماجن ۾ - وڙو ڏي وِهه وڃي وڌندو ،
رکي آ خونريزي همت - جڳي من جاودان منهنجو .

۴- سپيتا جو سڄو منظر - وڻيا وکيان جو هي گهرُ ،
ڌرم جي راه جو رهبر - هماليو هندستان منهنجو .

۵- ٻڪو ٻڌتو، سڄو راڪو - هماليه ديش جو هردم ،
اُتي تارن ڏکل ڏٺي - مجاهد پاسبان منهنجو .

۶- وڏا ودوان وڪيال - ڪٿي جن ديش اُڀواني ،
اُهن جهڙا نه اڄ ڏسجن - اجهو ٿيو آستان منهنجو .

۷- ٿئي ڪرتار جي ڪرپا - مدامي من مٺان 'پوڃا' ،
ٻڌايان مان حقيقت ڇا - ڏکي آ داستان منهنجو .

ٻوجومل 'ٻوجو'

اصل سنڌ ۾ آهي ڳوٺ (ساهتي) ۾ رهندو هو. هينئر ٧٢ سال عمر اٿس ۽ رٽائرڊ ادياپڪ آهي. سندس سڀاءُ نهٺو، ڪلمک ۽ هردلعزيز آهي. رهڻي ڪهڻي ۾ سادي اٿس. کيس سنڌي ساهتيه سان خاص پريم آهي ۽ ڪيترائي دوها، بيت ۽ پڻ قلمبند ڪيا اٿس جي گهڻي ڀاڱي اڻ - ڇپيل آهن. سڌار سڀا اجمير جو نشڪام سيواڌاري آهي. سماج سڌار جو هميشه قائل پئي رهيو آهي. سندس شعر جو مضمون نهايت سرل ۽ نصيحت آميز آهي.

'ميگهدوت' مان ڪي ٽڪرا

ٽَنِ لئي مترا ڪنهڙا ويٺا گهور ڏري ،
ڳالهائيندي هوندي ٻره مان منهنجا گيت ڳهڙي ،
ٽي ڳوڙهن منجهه ٻري ، اکيي ويٺا ڪي بار بار .
اکيي ويٺا ڪي بار بار ٽي ياد منهنجي مدهوش ،
وسرايس سڌ ٻڌ هوش راڳن جي سُرَ تال جو .

معمولين منجهه ڏينهن جو ٻره نه لَڪائيس ،
پر رات وڏي ، ڪم ڪو نه ڪو ، او وڇوڙو ماريس ،
ڳارانڊو ڳاريس ، هوندي سٿل زمين لئي .
هوندي سُتل زمين تي ٿيس ننڊون اڌ حرام ،
ڏيئي دلاسو دل کي سڪائج سڃهو سڪ سان .

پنڊت ديودت شرما

اصل وطن حيدرآباد سنڌ جا هئا. ورهاڱي بعد اجمير ۾ رهيا ۽ ٦٨ ورهين جي عمر ۾ سرڳڌام پڌاريا. سندن تازو شايع ٿيل ڪتاب ڪاويه "ميگهه - دوت" پڙهڻ وٽان آهي. نثر ۽ نظم ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. "ڀوَس"، "سنت ڪبيرورام" ۽ "اُڏيرو لعل" ڪتابن جو هنديءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس. ڪنڊلين ۾ "هيمون ڪالاڻي شتڪ" ۽ "اُڏيرو لعل شتڪ" پستڪ لکيا اٿس. بنڪم چندر جي "آنند مٺ" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس. ڀائو پرڀداس ۽ شري د ڀوچندر جي مدد سان هندي انگريزي ۽ سنڌي ڏڪشنري پڻ ڇپائي اٿس. سنت ڪبير جي واڻيءَ تي پڻ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيو اٿس. هو صاحب سنسڪرت ڀاشا جو پڻ سٺو ودوان هو. سندس 'ميگهه دوت' مان ڪي ڏنل ٽڪرا جيتوڻيڪ وزن ۽ بحر ۾ نه آهن، تڏهن به سندس خيالن جي بلندي ۽ لوچ پڙهندڙ جو مَنُ ڀائڻ آهي.

مرچومل سوني

سنڌ ۾ ساهتيه، سنگيت جو هي مذاقيه ڪلاڪار ۳۸ ورهين جي عمر جو ٿيندو. سندس جنم سنڌ ۾ مانجهند ڳوٺ ۾ ٿيو هو. شاستريه ڳائڻ وديا ۾ وشارد جو امتحان پاس ڪيو اٿس ۽ سنگيت ناٽڪ اڪادميءَ طرفان اجمير ضلع جي لوڪ گيتن جي چونڊيءَ ۾ ڪيس پهريون نمبر استان حاصل ٿيو هو. سنڌو ساهتيه سنگيت اجمير جي ڪلچرل پروگرامن ۾ هندستان جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ڪيترا مذاقيه پروگرام ڏئي پنهنجو ۽ سنگيت جو جس وڌايو آهي. علم-اَدب جي طرف پڻ وک وڌائڻ شروع ڪئي اٿس. آشا اٿئون ته اڳتي هلي سنڌي ساهتيه جا پڻ گهڙا گهڙيندو.

ٻڻا ڦمل ڦليل جي اُڀڻا ڦمس وار ،
لٽڪندا هوندس ڳلن تان هٽائيندي هر ٻار ،
سي ننڊ ڪرڻ جا ٻار سڏيندي هوندي سهڻن کي .
سڏيندي هوندي سهڻن کي من ميڙائو لڳي گهوٽ ،
ٻر سهڻا ۽ ڪنِ موٽ ، ڏسي جهر جهر آلسون اکين جون .

اَکيُن سرمو نه وجهي نڪي چوٽيءَ مَکي تيل ،
ڏاٻي اک ڦڙڪندي ٿس منهنجي ٻهڄڻ ويل ،
ٿيون سدا ٻهر وسريس مدرا ٿياڳي ، کان .
وسريس مدرا ٿياڳ کان ڏس ڏاٻيءَ اک ڦڙڪو ،
جڻ ڏنگي مَڇڻِ ٻڙڪو لوڏيو نيل ڪمل کي .

منهنجي ٻهڄڻ سان اُٿي جي ڏسين ڪهس سٽل ،
اُٿار جانس نه ننڊ مان لرسج ٻهر ٻهل ،
مٽان سهڻي ۽ رلل هجي لمٽيل منهنجي ڳلي سان .
هجي لمٽيل منهنجي ڳلي سان کڄانس نه دوُر آغوش ،
متڙا رکيج هوُش ، جڻن جاڳي نه مٺيءَ موج مان .

جا ڳالهه سرلهن وچ ۾ چوڻ حق هئي ،
ڳلن ڇُهڻ جي لوٻ کان مرن لڪائي ڪَنِ چئي ،
چاهي هوس غلط نه ۽ محبت کمو مجبوُر .
نه ۽ محبت کمو مجبوُر ، آهيان اکين ڪَڻن کان ڏوُر ،
هاڻي وره ۾ وهلوُر ، تو چوائڻ ٿيانو مهکه کان .

شيوڪرام 'سوني'

هي صاحب سنڌ ۾ ڀرياٽي ضلع نواب شاهه ۾ رهندڙ هو. سندس عمر ٣٨ ورهيه ٿيندي. سنڌو ساهتيه سنگت جو هي هردلعزيز ڪلاڪار رنگ منچ لئي ڪيتري مذاقيه پروگرام پيش ڪري چڪو آهي ۽ هندستان ۾ نالو ڪمايو اٿس. شري مرچومل سان شامل خاص جگل جوڙي ڪري سڏائي آهي. ڪيس سنگيت سان چڱو پريم آهي ۽ اجمير ميوزڪ ڪاليج مان شاستريه سنگيت جو وشارد امتحان پاس ڪيل آهي. سنڌي فلم "هوجمالو" ۾ مذاقيه اداڪار جو پارٽ بخوبي قابل داد ادا ڪيو اٿس. ڪڏهن ڪڏهن سنڌي شعر سازيءَ تي قلم آزمائي بہ ڪندو آهي. اميد تہ جيڪڏهن اديبن محفلن ۾ ڀاڱو وٺندو رهندو تہ واهه مقبول جو اثر مٿس ضرور پوندو ۽ اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ چڱو اسٿان والاريندو.

گيت

ٽارا ڇڄ لاهيندا،
اڄ رنگ وليءَ واٽ کي؛
سهڻا ڳهه پائيندا،
ٽارا ڇڄ لاهيندا.

(١)

چنڊ اڇي چانڊوڪي ڏيندو،
آجيان ۾ هوُ اڳرو ٿيندو؛
باغَ وڇائي گُلَ غاليچا؛
تن کي ترسائيندا،
ٽارا ڇڄ لاهيندا.

(٢)

واٽ - وَليءَ سان ٺهندا لائون،
گلڙن ورڪا ڪنڊيون ڏسائون؛
ڪڪريون ڪنڊيون گهڙيون مٿن لي؛
ڪڪر ڳڪڪائيندا،
ٽارا ڇڄ لاهيندا.

(٣)

سرلين سان اڄ سرچي وهندي،
واٽ ٻرٽن سان ٻرچي وهندي؛
ڏيندي وچم ساک سَهائي؛
وڻ مٽر ڳائيندا،
ٽارا ڇڄ لاهيندا.

گرديوداس "مسافر"

هي نوجوان سنڌ ۾ دادو ضلع جي سن ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ورهاڱي بعد سندس رهائش جو هنڌ اجمير ٿي ٿيو. هن وقت آدرش ودياليه ۾ اڌياپڪ جي عهدي تي آهي. کيس سنگيت سان گهڻو پريم آهي ۽ سنڌي ساهتيه سنگت جي پروگرامن ۾ ڀاڱو وٺي چڱو نالو نالو ڪمايو اٿس. ڪڏهن ڪڏهن سنڌي شعر تي قلم آزمائي ته ڪندو آهي. جي ادبي سرگرمين ۾ بهرو وٺندو رهندو ته اڳتي هيءَ مکڙي ته ڦٽي گل ٿيندي ۽ سنڌي ساهتيه کي خوشبوءِ ڏيندي رهندي.

گمت

او ساڄن! ڪڏهين ايندين ؟
هن جهوپڙيءَ جي جيءَ جو ،
جيءَ جو جياپو ليندين ،
او ساڄن! ڪڏهين ايندين ؟

ڏينهن ڏکن ۾ راتيون رُنديءَ،
ٻُورن ۾ ٻرپات گذاريان ،
سالن کان ٿڪي ساريان ؛
هن دکياريءَ دل کي ،
دل کي دلاسو ڏيندين ؛
او ساڄن! ڪڏهين ايندين ؟

ارمانن جي موجن سان ڏس ،
اکڙين ۾ اوطاق سجايم ،
پلڪون ڪٽي وڇايم ؛
ڪڏهين ته پنهنجا پيرا ،
پيرا گهمائي ويندين ،
او ساڄن! ڪڏهين ايندين ؟

اڳڙ اچي تون مهر ڪري ڪي ،
محبت جا وڄ مينهن وسائي ،
تالو لمهن نهالي ؛
اڳڙ اچي پوءِ مُهڙو ،
مُهڙو ڪين ملهيندين ،
او ساڄن! ڪڏهين ايندين ؟

ديپچند ر تلوڪچند 'چندر'

هي صاحب ڪاٽيا ڪلهوڙا ضلع نواب شاه سنڌ جو رهاڪو آهي. اجهه ۾ اتي ٻاپڪ جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. هينئر اٽڪل ٦٢ ورهين جو آهي. پالڪن جي ساهتيه جي ڇاپائيءَ ۾ ڪيس "جواهر روشن" ڪتاب لئي هڪ هزار روپيه انعام مليل آهي. ان کانسواءِ ڪي ڪتاب جهڙوڪ سک سنڌيش، سنڌ ۽ رامائڻ، رام ورکا، سوامي رام تيرٿ، بابوءَ جا خط، گانڌي وچار، سنڌي سونهارا ۽ لوڪ ڪهاڻيون وغيره پالو ٻر پداس ٻر همچاريءَ سان گڏ لکيا اٿس ۽ سنڌي ساهتيه جو خاص شوق اٿس. هينئر سنڌار سڀا جو هڪ مکيه پاليڪار ۽ ڪارڪن ڪرتا آهي. هنديءَ ۾ M.A. امتحان پاس ڪيو اٿس. ڪڏهن ڪڏهن سنڌي بيت ۽ شلوڪ پڻ لکندو آهي، جي اخلاقي ذخيري جو هڪ املهه خزانو آهن.

مصرع طرح مشاعري ۾ پڙهيل:- غزل

١- وڃي ٿو ڏينهن ٻ ڏينهن ٿيندو ويران هي بوستان منهنج
وڃي برباد ٿي ڪلهين مڪان هي آشيان منهنج

٢- ڇڏي ٿو ڪير، آهيان دربدر ٿيو وطن ڪان ويڙهي
زمين ساري آ منهنجي، آهه سارو آسمان منهنج

٣- اٽڪلي راهه، منزل ڏور هئي؟ پر لڳي
مگر منزل ٿي پهتو، حوصلي سان ڪاروان منهنج

٤- محبت مان پيالو پُر ڪري ڏي تون مولڪي ساق
الا! ٿوڪان سواءِ آهي نه ڪو ٻي مهربان منهنج

٥- ’مسافر‘ پنهنجي جوان ڪي- ڪريان ٿو پيش شعرن
سڄي محفل ۾ آخر ڪو نه هوندو قدردان منهنج

ايشور منگهاڻي

اصل هالا نوان حيدرآباد سنڌ جو ويٺل آهي. هي نوجوان هن وقت ٣٧ ورهين جي عمر جو آهي ۽ اجمير ۾ وڪالت ڪندو آهي. بي. ايس سي، ايم. اي، ۽ ايل ايل. بي جا امتحان پاس ڪيا اٿس. ٻالڪن جي پارٽيءَ جو چيف سيڪريٽري ۽ ٻرٻر ٻدلت ٿي رهيو آهي ۽ "ڦلواڙيءَ" جو سمپادڪ ٿي ڪم ڪيو اٿس. سنڌس ڪي ڪتاب ڇپيل آهن جهڙوڪ وڪرماجيت جون ٣٢ پتليون، بتال ڪٿائون ۽ ٻال پوتر. ڪجهه عرصو ڪسعو ۽ ٻا شڪول جو منيجر به ٿي رهيو آهي ۽ سنڌو ساهتيه سنگت ۽ سڌار سڀا جو مکيه ڪم ڪندڙ ٿي رهيو آهي. نثر کانسواءِ بعضي شعر لکڻ جو به شوق رکي ٿو. هن ڏس ۾ مکڙي اڃا ڇپجندڙ آهي.

شلوڪ

(١)

ڀلائي رکج نه مَنِ جا اَندر ڪارو ٿي ڪري ،
ڏسن ڏک دنيا جا جي ڏُنيا پاڻ رکن ؛
ڀلائي وجهي اُن ، وَٽج واٽ ٻولم جي .

(٢)

ٿولهي جن ڏنو اَندر کي هوشيار ٿي ،
تن ماري مٺا موه کي پنهنجو پاڻ کٽو ؛
مڪتي - ٿل مِٺو ، مانهو تن سنسار ۾ .

(٣)

ڳٽتيءَ منجهه ڳِري دکن دعوس چو ڏجي ؟
الهيءَ ٻر لون جهري ، وهد ٻن مٽس مرِي ،
وچن دک ٿرِي ، جي سدائين سر هو رهن .

(٤)

چڱائيءَ کان چِٽُ هڏائڻ گهرجي ڪمڪي ،
ٻرن ساڻ ڀلائون ڪري وٽ لون هٿ ؛
نيڪي ڪر ٿون نس ، ته مالڪ مهربان ٿئي .

شري نارائڻداس ڀمڀاڻي

اصل ۾ ٺٽي سنڌ جو ويٺل هينئر اجمير
جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر
آهي. سندس سنڌي ساهتيه ڏانهن لاڙو سنڌ
کان وٺي آهي. ٻارن لاءِ آکاڻيون، مالهڻ،
وڏوا، غزلن جو ڇورو ۽ شاه جون سورمون
سندس ڇپيل ڪتاب آهن، جي سنڌي ساهتيه
۾ سٺو درجو رکن ٿا. سندس عمر ٥٩ سال
ٿيندي. رهڻي ڪهڻي سادگيءَ ۽ سچ واري
اٿس. ڏاڍي پرش ۽ غزلن جو مددگار آهي.
لاڙو سنڌو ساهتيه سنگت اجمير جي مشاعره ۾
٢٦ جنوري ١٩٧١ تي وقت جي پرڌانگيءَ جو
پد سنڀاليائون.

گيت

ساجن توکان اڏو دوُر،
رهي نه سگهندس هاڻي مُور!

(۱)

سڪ ۾ آهي خوب ستايو،
من کي منهنجي آه منجهايو۔
ڪر ڪو هاڻ ملڻ جو سعيو.
دل جو درد ٿئي نه اجايو۔
تو بن پريتم ڇڪاچوُر! ساجن......

(۲)

من ۾ هاڻ مچي آ هلچل،
چِتُ ۾ تو بن آهي چنچل۔
هاڻي پريتم جلد اچي مل،
پالم! تو بن گهاريان پل پل۔
مان تو محبت ۾ مخموُر! ساجن......

(۳)

جيءَ ۾ لهر جلي ٿي جوالا،
لهڻ دوس ليءِ ٿيا متوالا۔
وصل سدا کي اولي پيالا،
'جوتيءَ' جا ڪر دوُر ڪهالا۔
مفت مري نه وڃي مهجوُر! ساجن......

اڪٿ ڪهاڻي آهي. "اَڪٿ" هوندي بہ "ڪهاڻي"
ٻڌائون ٿا. جا چوٿ بہ اچي. سنتن "مها آنند"، "مها سک"،
"پرم سک"، نام مهارس" جي ڳالهہ سان ڇهو آهي.

ڪه ڪمر سڪلي مد ڇڙهي،
اهي مهارس ساچو ري!

ارٿ:- هتي سڀ "مَدَ" معنيٰ نشا، سواد، رس ڪٿا آهن، "ڇڙهيا" معنيٰ رس رهت. جنهن سُکو ڪانو چوڻ ڏجي. ريٺو اهو (پرپو لڳن) ئي سچو مهارس آهي!

آهي بہ سچ ورنس ڪان پري! ٻاقي جن اَن اَلوڪي رس جو اَنڀو ڪيو آهي، ان بہ ڪي نشان نظر ايندا آهن.

(١) جُسم جو ڇاهہ. واٽ روهي نجوڙيءَ جو ٽالو سداڻين پيد. اندر ماٺين، اندر ٿو ولين! ٻاهر ساٺ ولڊيو پيا ولڊين. انهيءَ ماٺ لڳي ڳالهاڻ آهي.

(٢) اَڪيلائيءَ جا شوقين. ڪنهن ٻيا ڳولين. ماڻهو ڀيا پڇن "اندر الائي ڇا ويٺو ڪري؟ اڪيلائيءَ بہ ٻنڪ بہ ڪوئہ ٿو لڳي ڇا؟" پر هو ٻنڪ لڳو لڳي. ان رس بہ پهر ٻلڪ ٻڌجيو پوي.

(٣) من سداڻين ٽرمل ۽ ٻڪل. مثال:- جنهن ٽارو ڏولل آلو ڪمڙو هجي. اُن مان ٿي جل جون ٻولدون ڪرنديون آهن. سڪل ڪمڙي مان ڪوبہ ڪرنديون. ٽئين هن جي ليترن بہ آهن پريم جون ٻولدون، ڏليہ واڻ جون ٻولدون، گد گداڻيءَ جون ٻولدون، انتظار جون ٻولدون. ڪلاه ڪلاه ان رس جي ياد ايندي وهنوار ڪندي بہ اکين

• لوڙ ۽ لڳن

- پروفيسر نارائڻداس ڀ

هڪ آهي لوڙ ته ٻي لڳن. لوڙ ٿي گھرج، لڳ
اُن گھرج کي پوري ڪرڻ جي ليءِ لڳا ۽ اُدم،
لوڙ محسوس ڪيم. لڳن لڳي وئي ته ڏن هٿ
دلبس چڙهي هزارين ڪوه پرديس جهاڳيم. ٻيا لڳ
دنيا جي ڪنهن ٻه ڪارڻ ۾ سڦلتا نه ٿي ملي.
کي لڳن لڳي. موت کان بچاءُ لڙاڻ پد ۾ استعم
شهزادو هو، سهڻي، جوان استري هئس. ناز و نخو
ٻٽ ٻه ڄاڻو هو. رالووا سڀ ڪـي لٽ ٻاري
جامو پائي روانو ٿيو. هيءَ وري ڪهڙي لوڙ
جنهنجي لڳن لڳايو جو روپ ڌارڻ ڪيو! ٻين
ولڻ جي چاهه، هن لوڙ ۾ چڙڻ جي چاهنا. ڪهڙي
لهڙي لڳن ۽ لهڙو قدم.

پڙهو پڙهو جي لڳن جھڪي لڳي آهي، لڳـ
اُن جي رس جي چاڻ آهي. هڪ انوکو سواد آه
کي ”سواد“ ٻه چئجي الائـي نه! چوته ”سواد
دلـوري سوادن لاءِ ٻه نه ڪم آڻيو آهي. ٽڏهن
ورلن ڪمڻ ڪجي؟ ورلـن نه واٽي دوارن تي
ڪرلـ. لٿهن هوندي ٻه ڪو ته اڪو ڪم آڻو ٿي

پٽ تي پيل ٻار کي سيج تي سمهيل پيا سمجهن.

اهي آهن ته عجب جهڙيون ڳالهيون! برابر عجب ۽ وجهندڙ آهن پر اڄ سورهن آنا سچيون. سڀئي سچا اها ساک ڏيندا.

واه، پرڀو پريم، واه! تو راجائن کان راجڌانيون ڇڏايون، تاج تخت ڇڏايائون، محلن جا عيش عشرت، عطر قليل، داس داسيون، سڀ قربان ڪري ڇڏيائون! ڪک برابر جاڻي ڦٽا ڪيائون. اُهن سڪن ڏي اَک کڻي ورِي نهاريائون به نه. محل کان وڌيڪ وڻندڙ ٿن ۽ لڳائون. هڪ لنگوٽي پهري درويش ٿيا. سر تي سوڀ سون سوُر همراز ڪيائون ۽ اهو سڀ مشڪندڙ چهري سان! ڇا ڪيچ ملهو هون ڇا؟ نه، ملڪ جي اميد ۾.

ماڻهو پڇن ٿا "اهو ڪهڙو سک آهي جنهن جي ملڪ جي اميد ۾ اڳي لئي پرڀٽ ٿيل هيترا سک ڇڏيا ٿا وڃن؟" وري انهن ۾ ٿا چون "ڪو نه رهسيا آهيو هولڊن جو اهڙي قرباني ڪندي هيڪن ني لئا." ها، برابر انهن آهي. جهان سک جي اپا ۾، پرڀو پريم جي لڪن ۾ اڇي، اهڙو ليلاڳ عيش ڪري ٿو. پرڀو پريم جو اهڙو ملهه! اهڙي قيمت!

وري اڄوڪي دنيا جي سودي ۾ ملهه ڏي ته اهي ڪي چيز ملي. دڪاندار کي پئسا ڏئي شيءِ گهر کڻي اچ. هي ڪهڙو دڪاندار آهي جو وٺي به اهڙا بدارڪ؛ پرڀو به چيز اُن وقت نه ڏئي! ۽ وري گراهڪ

مان آلسون ٿي وڃانس. هؤ ٻيو هاري نه ٿو، هو
پيٽ مان ٻيو هارجي پوندو آهي. هو پنهنجي پيٽ
لنگهو ڪرڻ چاهي نه ٿو.

(٤) ٿاڻا ۽ ڏيٺ - ڇمت. پرنتو انهن پرهي سدائين
آهي. پر ان ڏيتاليءَ ۾ وس آهي. ان وس کي پڪ
جاڻي ٿو. ڏنيا انهن ڏيڻ ٿيڻ شرمساري آهي، پر
انهن ڏيڻ ٿيڻ فخر آهن. هنجو نالو پڌو ائم "ڏيڻ - پ

(٥) لوڪ ليا، ڪل ليا جو ڇولو لاهي ڦٽو
اٿن. جٿن ميران لاٿو. ڇتور جي واٽي! روداس
جي داسي وڃي ٿي! ڪل ليا ڪسي گهوري ڇڏيا
پڪتن جي سيا ۾ مرا نچندي هئي. گرڌر جا
ڳائيندي سڌ پڌ پاڻجي ويندي هئس. محلن وارن
هيس. سمجهايائونس، "مرا، گهر ۾ ڀڄن ڪر، مند
پهي لوڪ ٿوڪي سونهين نٿو، اسانکي لڄ نه. "
محلن کي الوداع ڪري ڇڏي.

(٦) هٿن لاء ڪيدا گل آهن. ڏيوي لوڪ ٿو
تا، انهن تا ڪن، گلاني جي نظر سان نهارين تا.
لهوو، پر ڪنهن پرڻ واهه تان هٿالڻ جي تا ڪن
اهي ڪيدا پرائيءَ لاء گل آهن. سندس پرلم کي
تا ڪن. هنجي وک ۾ ٿيوري اچي وڃي ٿي.

(٧) هٿن لاء راست ڏپهن ٿيو پوي. رونڻ ڪئن
پيد ڪم ٿي وڃي ٿو. اڄ اڪ جي سار نٿي رهن.

(٨) هو شرپر هوندي شرنر رهت پٽجي تا و

شري پريتداس برهمچاري

هي صاحب سنڌ ۾ نوشهري فيروز ۾ ڄائل هو ۽ هن وقت سندس عمر ٦٧ سال ٿيندي. هو ديش سيوڪ آهي ۽ آزاديءَ جي هلچل ۾ ٻه دفعا جيل وڃي چڪو آهي. اجمير ۾ سنڌ سڀا جو پرڌان آهي. سڀاءُ جو سادو، رلڻو ملڻو ۽ خوش طبع سيواداري آهي. سندس حڪمت جي ڏس ۾ سيوائون ڪيئن ڪان ڳجهيون نه آهن. اجمير سنڌ پبلشنگ سوسائٽيءَ دواران ڪيئي درسي ڪتاب پنهنجي ساٿي شريمان ديپچند سان گڏجي شايع ڪيا اٿس. ”آتم درشن“ ۽ ”ڦلواڙي“ جو پالي ۽ سمپادڪ آهي. روشن راهه، جڳت گرو وويڪانند، اشلوڪ گيتا ۽ ڪلياڻ مارگ سندس چونڊ ڪتاب آهن. ”پاڻ درشن“ ڪتاب لئي کيس هڪ هزار روپيه انعام عطا ٿي چڪو آهي. سنڌي ساهتيه سان خاص پريم اٿس.

ته سائنس خوش!! ٻالڪ کي ڦرانڪ ۾ به ڪو خوش
آهي ڇا؟ هائو! ٻڪت ٻالڪ کي ڦرانڪ ۾ خوش ٿيندا
مٺو جي رالد آهي ٿي اهڙي! ڦرائي ٿو ته ٻيا ڪ
هٿن ته "اسين ڦيٿا آهيون."

ٻکوان ۾ الائي ڪهڙو وس آهي جو سندن ٻ
ته سک آهي! ٻلا، ٻيا ڏني ٻرٻم آهي. ٻر جڏهن م
جو مکڙو ٻسندو، تڏهن ٻاڳل نه ٿي ٿيو. ٻالڪ ٻاڳ
ٿيندو ٿي. ان دپ ڪسان ته هرڪو ميدان ۾ ٻير ته
رکي. ٻاڳل = ٻاه + ڳل معنيٰ ڳلي ۾ ٻاه. ٻکوان کي ڳل
ٻالڪ ٻيا ڳهن. دنيا جي اڱهوري نظر ۾ ٻاڳل آهن. ٻ
ته آنند جي اڪاڏ سمندر ۾ ٻيا ٿرن. دنيا غوطا کائي
شُڪل زمين ٿي جتي جل آهي ٻهه ڪرڻ، ٻڪت ش
ساڳر ۾ مٿان ٿي مٿان ٻهو ٿري. دل ٿئيس ته ٿيئي ته
واه ٻريو ٻرٻم! توکي نمسڪار! وار وار، نمسڪار

ٻکوت ٻرٻم جي سودي ۾ ڏي سڪڇهه ۽ ملي
هڪ. اڇا ملهيو ته ڪوٿهي. وچ اڳوامت سٿيندو.
ٻرٻم وارن جو واپار آهي. عجب نه ڪاٿ! ٻکوان جا
وڏ ٻڪ عقل وارا اٿئي. هيڪي سڀي نفعي ۽ سڀي
جي چاٽ آهي. جوٺا سک ٿا ڦٿا ڪن. هونئن ته ته
سک ڪمهن نه ڪمهن ڏينهن ڦٿا ڪرڻا ٿي آهن.

ٿيو ته ٻکت جو ٻکوان جي دياٿنا ۽ اداڙتا
وشواس رهي ٿو. سڏامي ڏلو ڇا؟ ۽ ملمس ڇا؟
ڏلو ڇا؟ ۽ ملمس ڇا؟

اهو هو سنڌ جو لڪل لعل شري تولارام مينگهراج پالاڻي "عاجز."

"عاجز" اهو اديب ٿي گذريو آهي جنهنکي نثر خواه نظم جي رچنا جي الاهي ڏات عطا ٿيل هئي. هن جو سنڌي ڪان ڳالهائڻ ٿي نظامڻو هو. جن ڪيس ڏٺو ۽ جن ڪيس ٻڌو هو، سي سندس ساراهه جا پڪ پريندا رهندا هئا. هو ڪو ڊگريون حاصل ڪيل ڪونه هو، مگر هن جي دل جا طاق کليل هئا. هو هڪ ديش ڀڳت قومي شاعر ۽ فصيح زبان وڪتا (Orator) هو، جنهنجي اندر ۾ ملڪي محبت جا مچ ٿي ٻريا ۽ جنهن ١٩٠٥ جي اولاهي زماني کان وٺي سنڌ ۾ قومپرستي مشعال هٿ ۾ جهلي ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي لوڪن کي جاڳائڻ جو ڪم پئي ڪيو. دلي جذبي وچان جڏهن ڳالهيندو يا ڳالهائيندو هو تڏهن ماڻهو مست ڪري ڇڏيندو هو. جيڪي قومي ڪلام لکيائين انهن مان "ملڪي مداح" ڪتاب ته سرڪار اُن وقت ضبط ڪري ڇڏيو هو. جيڪي "ديش سيوڪ"، "ماتا"، "صدا ۽ سنڌ" "Voice of Sind" اخبارون ڪڍندو هو، سي آڳ جا اُلا اوڳاريندڙ هيون ۽ جنهنڪري ورلي پوليس سندس اخبارون ڇڏيندي هئي. ته ته ته اهي لڪو لڪي ڪڍندو هو. ٻيا هٿ سان لکيل پڌريون ڪڍندو هو. سي. آءِ. ڊي سدائين سندس پٺيان هوندي هئي ۽ انس ڪارروائي ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جو ڪليڪٽر

وساريل اديب

- پريمداس برهمچا

ڀارت جي ورهاڱي بعد سنڌين ۾ پنهنجي ساهتيڪ
۽ ساهتيه جو ڪي قدر قدر ٿي رهيو آهي. سنڌي
ٻين سماجن جيان ساهتيڪارن ۽ ساهتيه جي اهم
محسوس ڪري رهيا آهن. ڪن ساهتيڪارن کي
جدا نمونن جا سرڪار وٽان انعام حاصل ٿي رهيا آه
جنهنڪري انهن جو حوصلا افزائي ٿي رهي آه
اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي. ان مان ڏسجي ٿو ته ا
جي سنڌين ۾ به ڪجهه جنون آهي. مگر ڏک ٿي
اٿم، جڏهن ڏسان ٿو ته جن ٻهراڻ سنڌي سا
جي کيتر ۾ قدم وڌايو ۽ ان جي اُنتيءَ لاءِ ڪمالا ڪ
سي اسان کي ياد به ڪين ٿا ڪريون ۽ اسانجا اجوڪا ڪ
اديب ته شاهه، سچل ۽ ٻين اهڙن صوفي درويشن و
ڪانسواءِ ٻين جي ساهتيه ڏانهن ڌيان به ڪين ٿا ڏي
ڪيترا ته پراڻن چڱن ساهتيڪارن کي اديبن جي قط
ڳڻڻ لاءِ به تيار ڪين آهن. اها ڪهڙي نه اسانجي ڪ
ذهنيت چئجي! مان ٿورڙي وقت جي خيال کان
ساهتيڪارن جو ذڪر نه ڪري، هڪڙي اهڙي اد
ڌيان ڌيان ڇڪائيندس، جو اڄ ڪنهن ورلي کي ياد هو

ڪڏهن وري مومل ٻڌي سمنڊ ري کي سڏڙا ٿو ڪري:-

"اچي مومل سکھو ماڻ، موٽي مندا ميندرا!
راڻل ڪر وهاڻ - نه سڏ سڪاپانءِ سوڙ جي."
"گهڻو وچ نه گهومڻ، لون وارڻ سکھو ڙر،
آءُ اڪيلي آهيان، گهوريءَ ڪالي گهر،
بن لو بارابون ۽ بڪلا آهن بر،
جداڻيءَ جو جر، لو اکيان ڙهي اڻ جهلو."

اهڙيءَ طرح جدا جدا عاشقن ۽ معشوقن جي روپ ۾ لطيف اُنس ۽ پريم سندس مدعا سدائين روحاني رازن ڀري رهي. هن جڏهن درياه جي ڪمن تي سير ڪيو، جڏهن ڪي ٻليون ۽ چمپا ڏٺا، جڏهن بوستان ۾ ويو، جڏهن آڪاش لئي ۽ جڏهن درختن تي نظر وڌائين، تڏهن اُنهن نظارن اُن کي موهيو ۽ هن پنهنجي عجب لکڻيءَ سان اُن جو اظهار ڪيو. هن جو سنڌي، هندي، اُردو، فارسي، سرائڪيءَ ۽ انگريزي ٻولين تي چڱو ضابطو هو ۽ سڀني ۾ هن ڪلام لکيا. انگريزيءَ ۾ به نظم خواه نثر ۾ هنجي لکڻي عجب هئي.

مان هن ننڍڙي مضمون ۾ اُن وسيع اديب جي لکڻين جو ڪهڙو اظهار ڪريان؟ دنيا جي سطح تي ٿورو سال ٻه ڪين رهيو ۽ ١٩١٣ ۾ لاڙڪاڻي جي ڪهاڻ واهه ۾ گهمڻ لڳاڻي غائب ٿي ويو. اُنهن ڇڙهي نه

ليار ۽ ٿيو هو مگر سنڌي ساهتہ جي اُڀي ڏ
ڪوڙي مل ڪلياڻيءَ جي ڪيس ووڪل ڪري اُٿين
ٿيو. جو هن ڪليڪٽر کي آگاهہ ڪيو تہ انگريزي ما
۾ هئائين جوش وڌندو. هن قومي نظم بہ ڪيترو
رچيو هو، ۽ اُن سان گڏ قومي خيالن سان ڀر
"تعليم جو تارو"، "دادا ڀائي نوروزجي
"قوم کي قوم ڪير ٿا بڻائين" وغيره ڪيترا
نيا وڏا ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا هوائين.

هڪ پاسي هو ملڪي مجموعو تہ ٻئي طرف هو مال
جي محبت ۾ مستانو، چريو کي ديوانو هو. روحا
راز جا ڀرڊا سندس اڳيان کلي چڪا هئا. جهڪ
"جيءَ اندر جنگ"، "گيان گلزاري" ۽ سند
"عاشقاڻا آلاپ"، سندس ڪافيون، غزل خواه ب
پڙهي ڏسندا، سي محسوس ڪري سگهندا تہ ڪهڙ
اونهي عميق ۾ گهڙون لڳائي اُملهہ موتي وڻجيا
پنهنجي شعر ۾ ڪٿي سنئي ٿي پنهونءَ کي سڏ
ڪري:-

"پنهنجي لند لوار، اُلم لت اندر ۾،
سدا سرسي سار، سيني سوز سوايو."
"دلبر لولي دالهن ڏيندس در ٻہ، پنهنجي،
لوڙيءَ ڀيو لاهہ، جو اڳهالي عاجز جي."
"محب مهاروُن اچي مڙهہ مٺيءَ لي،
ڀر موڙج مهاروُن، الله لڳ عاجز چوي."

● ڪهاڻي ڇا آهي ۽ اُنجا مکيه جزا

- ديپچند ر تلوڪچند

دنيا ۾ ڪهاڻيءَ جو رواج ڪڏهن ۽ ڪهڙن روپ ۾ تمام آڳاٽي زماني کان هلندو اچي ٿو. هر هاڻوڪيءَ ڪهاڻيءَ جو روپ ۽ فن بلڪل نئين نموني جو آهي. پنهنجي جنم جي وقت کان وٺي هيستائين ڪهاڻي نئون روپ اختيار ڪندي رهي آهي. اڄ اها ترقيءَ جي چوٽيءَ تي پهتل آهي. ڪهاڻيءَ جي جنم کان اڄ تائين اُن جون جدا جدا وصفون ڪيون ويون آهن، مگر هڪ سٺيءَ ڪهاڻيءَ جا گڻ هڪ وصف ۾ سمائجي نٿا سگهن. ودوانن ڪهاڻيءَ کي وصف ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي آهي مگر ڪهاڻيءَ جي آزاد ڌارا سندن اُنهن وصفن جي ڪنارن کي ٽوڙيندي رهي آهي ۽ اڄ به آزاد آهي.

مغربي ۽ ڀارتي ودوانن ڪهاڻيءَ جي وصف ڏني آهي. انهن سڀني جي وصفن تي ويچار ڪندي، ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو ته ڪهاڻي ڇا آهي.

مغربي وصفون:- آمريڪا جي مشهور ڪهاڻي نويس شري ايڊگر ايلن پو (جنهن کي هاڻوڪي ڪهاڻيءَ جو پتا مڃيو وڃي ٿو) ڪهاڻيءَ جي صورت صاف ڪندي لکيو آهي:-

سوامي رام تيرٿ وانگر هن جل سماڌي ورتي، نه ب
آهي. پنهنجي آخرين پتر، جو ڇڏي ويو هو، ت
لکي ويو هو ته ”ٿولو پاڻي سان پاڻي ٿي ويندو

أهو اعلىٰ ديش ڀڳت ۽ سچو مهاتما اڄ ڪنهن
کي ٿي ياد آهي. سنڌس لکيل ڪواه ترجمو ڪيل ڪ
جيڪڏهن همت ڪري ڇپايا وڃن ته سنڌي ساه
سڌي ڄڃهه واڌارين. هن لاءِ مان هڪ مشهور انگ
شاعر جا لفظ لکان :-

ull many a flower is born to blush unseen,
nd waste its sweetness on the desert air.”

”ڪي سهڻا خوشبودار گـل بيشڪ به پيدا
آهن، جي آلي ٿي نـڙي ناس ٿي ويندا آهن ۽ س
نزاڪت، سونهن ۽ سڳنڌ جو ڪو به ڄـڙو ڪونه و
آهي ۽ انڪو ڪو ڪين ڏسي، سنڌس سارهه جا
ڳاليندو آهي.“

شل اسان ۾ سا ساڃهه پيدا ٿئي جو پنهنجن اهڙن
شخصن کي نه ڀلائي، انهن مان فيض حاصل ڪريو ن

شري ايلري :- "ڪهاڻي گهوڙي ڊوڙ وانگر آهي. جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت واري شروعات ۽ پڇاڙي ٿئي ٿي."

پارٽي وصفون :-

منشي پريم چند :- "ڪهاڻي هڪ رچنا آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي ڪنهن هڪ پهلو، من جي ڪنهن هڪ ڀاوَ کي ظاهر ڪرڻ لئي ليکڪ جو مقصد ٿئي ٿو. ڪهاڻي اهو رمڻيڪ باغيچو ناهي، جنهن ۾ ڀانت ڀانت جا گل ۽ ولڙيون ٻوٽا سجايل هجن، بلڪ هڪ ڪونڊي آهي، جنهن ۾ هڪ ئي ٻوٽي جو ميناج پنهنجي اعليٰ صورت ۾ نظر اچي ٿو."

شري رايڪرشن داس :- "ڪهاڻيءَ ۾ سولهن جي ڀاونا جو رس آهي."

شري جئنيندر :- "هوءَ لاڳيتو هڪ لئي جواب لئي ڏني ٿي، پر هوءَ چوي ٿي ته شايد هن رستي سان جواب ملي وڃي. هوءَ ڪجهه ٻڌائي ٿي، ڪجهه اطلاع ڏئي ٿي ۽ ٻڌندڙ پنهنجي چتن جي آڌار تي اهو اطلاع وٺن ٿا."

شري نلن ولوچن شرما :- "ڪهاڻي ڇا آهي، تلوار جي ڌار تي ڊوڙڻ آهي."

مطلب ته ڪهاڻيءَ جي الڳ وصف هوندي ته انيڪ

”ڪهاڻيءَ جي ڪٿا انتري مختصر هئڻ گهر
جو اُنکي هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي سگهجي. پڙ
ئي اُنکي هڪ ئي ٽائيم چٽڻ گهرجي ۽ جنهنکي
اُنجي مڪمل ٽائيم جي حاصلات ۾ مددگار ٿئو
اُنکي الڳ ڪري چٽڻ گهرجي.“ شري پو ڪه
جي وصف هيٺينءَ طرح لکي آهي:-

”ڪهاڻي اُها نثر ۾ ڪٿا آهي، جنهنجي پڙه
اڌ ڪلاڪ کان وٺي ٻه ڪلاڪ لڳي سگهن

شري ايڇ. جي. ويلس:- ”ڪهاڻي اُها آ
جنهنڪا الڪل ٢٠ منٽن ۾ ختم ۽ ڪليما سان چٽي وڃي

شري هڊسن:- ”ڪهاڻي هڪ ئي ويهڪ
پڙهي سگهجي ٿي.“

شري ايلهم:- ”آدرش ڪهاڻي ڪوڊا و
۽ عجب ٻاوت جي زنده رچنا آهي.“

شري ورجينيا وولف:- ”ڪهاڻي هڪ و
جي اڪ چمڪي آهي.“

شري چيکب:- ”ڪهاڻي زندگيءَ جو هڪ
آهي.“

شري اسٽيونسن:- ”ڪهاڻيءَ ۾ انسان
زندگيءَ جي ڪنهن مکيه واقعي تي روشني وڌي و
آهي.“

ٿي ساري ڪهاڻي ٺهيل لڳي ٿي. ناٽڪي رنگ جي ڪهاڻين ۾ آکاڻيءَ جو ڪو به ٻڌڻ ڪونهي. ناٽڪين ڪهاڻين ۾ آکاڻي لڪي، مٿو وڪيان جي سوکم سهاڻن جي روپ ۾ ٻڌڻ جي وٺي آهي؛ آکاڻيءَ جي زياده اهميت نه رهي آهي. انهيءَ هوندي به اثر پيدا ڪرڻ لاءِ سوکم ڀاوَ جي اظهار لاءِ آکاڻيءَ جي ماڌيم جي روپ ۾ ضرورت آهي ٿي. پراچين ڪهاڻين ۾ ته آکاڻيءَ کي مکيه جڳهه هوندي هئي. ناٽڪي ڪهاڻيءَ ۾ اهو پراڻو روپ برابر ناهي، ليڪن نه آکاڻي اڄ به ڪهاڻيءَ جي ڪرنگهي مثل آهي.

٢. ڪردار نگاري (چرتر چترڻ) :- هر ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار (پاتر) ته ٿين ئي ٿا. ضروري آهي ته انهن جو چرتر چترڻ ٺيڪ هجي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي سموري جيون تي ته روشني وجهي نٿي سگهجي پر ان ۾ ڪردار جي ڪنهن مکيه سيرت تي ئي روشني وڌي ويندي آهي، جنهن مان سندس شخصيت جي جاچ چڱيءَ ريت ٿي سگهي.

ٻيا پاترن جي ڪاڻ آکاڻي ٿي نٿي سگهي. البت ناول جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻيءَ ۾ پاترن جو انداز تمام گهٽ ٿئي ٿو. چرتر چترڻ هميشه چئن نمونن سان ڪيو ويندو آهي :-

(١) بيان ذريعي (٢) اشاري ذريعي (٣) گفتگو ذريعي (٤) واقعن ذريعي.

هڪ وصف ۾ ٻڌي ٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته ڪ
نمائش اظهار جو هڪ مؤثر ۽ ڀومڪي ذريعو آهي. ا
هوندي ۽ انهن چئي سگهجي ٿو ته اها هڪ ننڍي
ٿئي ٿي. زندگيءَ جي ڪنهن حصي جي رسم
حقيقي ۽ ڏنگ سان ڪول ڪري ٿي ۽ ڪنهن مدو وڪ
سچائيءَ تي بيٺل ٿئي ٿي.

جزا:- ڪهاڻيءَ جي رچنا جدا جدا جزن (ل
جي آڌار تي ٿيندي آهي. ڪهاڻيءَ جا مکيه ٦ جزا آ
جنهن مختصر نموني هيٺ بيان ڪجي ٿو. ڇاڪاڻ
جزن بنياد ۽ ترڪيب سان جيڪا ڪهاڻي ڪري ثابت ڪ
اهائي ڪلا (فن) جي خيال کان سٺي ڪهاڻي سم
گهرجي.

١. آڪاڻي (ڪٿا وستو):- هر ڪنهن ڪهاڻي
ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ آڪاڻي رهي ٿي. آڪاڻيءَ
ذريعي ئي ڪهاڻيءَ جي مکيه ڀاو جو اظهار ٿئي
انهيءَ بابت شري آرنولڊ بينيٽ جو چوڻ ڌيان ۾
جوڳو آهي:- "ڪٿانڪ (آڪاڻي) اهڙي آهي
جنهن کي ڏسي، اهڙيءَ طرح الڳ هڪ اچي ٿو
پنهنجي جيون درشن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪٿا جو
چوندي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان وسيلي هو پنهنجا ڀاو
ڪري سگهي ٿو."

ڪهاڻيءَ جو ڪرنگهو آڪاڻي ئي آهي، جنهنجي

اهڙيءَ ذريعي ڪهاڻيءَ جي مکيه جذبي کي لهر ڏياري سگهجي ٿو. ماحول جي رچنا ڪهاڻيءَ جي ڪردارن، آکاڻيءَ ۽ مکيه جذبي مطابق هئڻ گهرجي. سچ ته اهين آهي ته ڪهاڻيءَ جو ماحول پڙهندڙ لاءِ اهو جادوگر آهي، جو پنهنجي جادوءَ سان پڙهندڙ کي پنهنجيءَ خيالي دنيا ۾ ڀٽڪائي ٿو ۽ کلائي ٿو.

ماحول جي رچنا جدا جدا ذريعن سان ڪئي ويندي ٿي. ڪن ڪهاڻين ۾ ماحول تواريخي حقيقتن تي ٻڌل هوندو آهي. ڪن ۾ قدرتي نظارن تي گهڻو ڪم ويندو آهي. ماحول جسماني ۽ مانسڪ ٻنهي قسمن جو ٿي سگهي ٿو پر ٻنهي قسمن جي ماحول جو مکيه مقصد ڪردارن جي مانسڪ حالتن کي اُتساهت ڪرڻ رهيو.

٥. ڍنگ :- ڪهاڻيءَ جي هن جزي جو لاڳاپو ڪهاڻيءَ جي سهڻي ڍنگ سان رهي ٿو. اهڙيءَ ڪري ڪهاڻيءَ جي بيان ڪرڻ جو ڍنگ سرل، سهڻو، مڌر، رواني وارو هئڻ جڳائي. النڪارن، اصطلاحن ۽ پهاڪن وغيره سان بيان ڪرڻ جي ڍنگ کي اعليٰ ڄاڻائي سگهجي ٿو. ڪهاڻي نويس گهاگهر ۾ ساگر ڀرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. وٽس اهڙو وقت ڪونهي، جو هو ترسي هر هڪ واقعي ۽ چتر جو ويچاروار بيان ڪري سگهي. ڪهاڻيءَ جي ٻولي اوکي نه هئڻ کپي. عمدي عبارت اها آهي، جنهن ۾ خيال ۽ ٻولي ٻنهي ۾ اهڙو

چرلو چترڻ ۾ حقيقت، مختصر بياني ۽ سهولت
کان ڪم وٺڻ ضروري آهي. اعليٰ ڪهاڻي اهائي
آهي، جنهنجا ٻار دلچسپ هجن ۽ چترڻ ۾ ممو
ظاهر ٿئي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن اهڙي ٻار جو هجڻ
سماج ۾ ڀي نه سگهجي، سو ڪهاڻيءَ جي سهولت
۾ رڪاوٽ وجهي ٿو.

٣. گفتگو:- ڪهاڻيءَ لاءِ من ۾ چاهه رهي،
لاءِ ضروري آهي ته گفتگو ڪشش ڪندڙ هجي.
ٻارن جي چرلو چترڻ ۾ له مددگار ٿئي ٿي ٿي
گڏ ڪهاڻيءَ ۾ زندگي ۽ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي.
ٻارن ۽ حالتن مطابق هجڻ کپي. اهو به ضروري
ته ٻارن جي گفتگو ۾ اجائي ڊگهه نه هجي. اها
مختصر هجڻ جڳائي. گفتگو ۾ هيٺيون ڳالهيون
گهرجن:-

(١) گفتگو آکاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ ۾ سهائڪ ه
(٢) گفتگو ٻارن جي چرلو جي چٽ چاڻ ڪندي،
جو وڪاس ڪري. (٣) اها سهولت، ضروري ۽
هجڻ گهرجي. (٤) گفتگو حالت ۽ ماحول مطابق هجڻ گه

مطلب ته ڪهاڻيءَ جي گفتگو چست، سهو
لائقي ٻولي جي هجڻ کپي.

٤. ماحول (واتاورڻ):- ڪهاڻيءَ ۾ ماحول
چترڻ جي اهميت کان ڪو به انڪار نٿو ڪري س

نارائڻداس ممراڻي

هن صاحب سنڌ ۾ سيوهڻ دادو ضلع ۾ ۱۹۱۳ ۾ جنم ورتو. ورهاڱي بعد اجمير وسايائون. الهاس ۾ M.A جي ڊگري حاصل اٿن. ويمو ڪالي جو رٽائرڊ تحصيلدار آهي. هن وقت آدرش ودياليه ۾ اڌياپڪ آهي. ڪيس انگريزي خواه سنڌي ادب سان شوق آهي ۽ سنڌو ساهتيه سنگت جي ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو رهندو آهي. سندس لکڻيءَ جو ڍنگ الوکو ۽ نرالو آهي. سڀاءَ جو خوش طبع ۽ رهڻو ملڻو آهي.

ڏيندي وڃن، جو ڪين ڇڏي، ڏاريءَ ڪري سگ
ٻولي ڪردارن ٻاندر ڪم آڻڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته
ٻالڪ هڪجهڙا نٿا ٿين، اڪري سماوڪ آهي ته
ٻولي ۽ ٻهڪدي ٻهڪدي ٻولي جي هجي. اهڙي
ٻولي ڪهاڻيءَ جي رنگ کي اعليٰ بڻائڻ ۾ اهم
ادا ڪري ٿي.

٦. مقصد:- ڪهاڻيءَ جو ٻيو جزو اُن
آهي. هر ڪنهن ڪهاڻيءَ جو ڪو مقصد هئڻ گه
اَدب جو زندگيءَ سان گهرو لاڳاپو آهي. رڳو
هاڻوڪيءَ ڪهاڻيءَ جو مقصد ته رهبر آهي.
ساهتيه جو هڪ حصو آهي ۽ ساهتيه زندگيءَ جي تر
ڪرڻ جو واهڻ آهي. اڪري ڪهاڻيءَ ۾ ونـد
ڪل مقصد هئڻ لازمي آهي. اُهين آهي ته اڪثر
جو مقصد اڻ ظاهر هوندو آهي. پر ڪهاڻي پوري
سان پڙهندڙ تي اُنجي پتا پاڻ پورڻ ضروري
ڪنهن ۽ ڪردارن ڪان اهڙي ڳالهه چوائڻ ته ج
جنهن ڪري ايڪ جي مقصد تي وار ٿئي ۽ اهو
وڃي.

پوءِ ٻڌائين مان کھڙو سو پيو ڏسو آلاپيان. پهرين ٻالڪو نه ڪر. تنهن ۾ انهيءَ ڳالهه نه، نه "لکيو واءِ، وڏو ساهه واڙو توهان هڪ ڪلاڪو آهين. ملڪ الموت ايندو، سو پنهنجو وقت وٺي ايندو. تنهنجي ٻوڪي کهڙي چنتا. والده شريف پيرالله. تنهن ۾ تنهنجو ڏوهه ڪو ڇالو. اهو مبارڪ ڏينهن انهيءَ جو شرف. جنم مرڻ نه ته پهندو آهن. سي نه وقت جي لکمر لي ليکان آهن. توهان اهو ليکان نه آهين. اُهر پٺو برابر لڳائي ڪونه آيو آهين. پر توهان فاني به نه نه آهين. توهان ڪرم ٻوڪي آهين. ڪرم ڏوهه آهي؟ ڪرم آد الت جي هڪڙو ڪان ٻاهر آهي. پوءِ نه نه، جنم جنمانتر جو ڪيل ڪم ليکيندو، توهان مرندو نه آهين ڇولو ضرور، بدلائيندو آهين.

انهيءَ ڪارڻ ته مان لوڪي لئو چوان نه اي ٻالڪا! ٻالڪو نه ڪر، چاڪاڻ نه، شرير جي لحاظ کان، توهان ميلڻ مثل آهين، جنهن ۾ ته تلوارون - خدي ۽ خدا - نه ماپيندا، تنهن ڪارڻ توهان خدي ڇڏي ۽ خالي ٿي وڃي خدا جي پساد ڪريءَ ۾ ڪا سمرٿي سور. نه نه. اهو ته پلي ڪر. پر اهو ڪر اد ۽ آلت مقصد تنهنجيءَ زندگيءَ جو نه آهي. مٿو ڪوڙائي، لوهو ٿي، ڪر جڳ ۾ جيئڻ نه چئو آهي. وار هڻن واسمڪن جان ۽ ار مڃهن ليک ته نه هڃي، ا چئو لـ لو جيئڻ سڦلو ڪيو. لو پهڪ جنم ڏن مبارڪ لهڻي.

ها سماج ۾ جالو اهين. سماج جي ڀلي لاءِ ڪرم ڪر.

● سکي جيون

– نارائڻ داس ڀيڄاڻند ...

هڪ ڏيهاڙي، شام ڌاري، دوست سان گ...
نڪري پيو هوس. دوست جو پورو، اڃا ...
چار جو ٻالڪو، ٻه سال هو. واٽ تي، هڪ ...
وارو نظر اچي ويو. ٻار جي دل – هڪ سندر گهارو ...
چمڪاڻيءَ وارو. کيس سرچاڻڻ لاءِ وٺي ڏنوسين. ...
پيو لڳي. پر قضا ڪارڻ، اڃا گهر پهرو ٻه نه لنگها...
گهاري مان هوا نڪري ويئي. ٻار جي همت مان ...
پيو. زار زار روئڻ لڳو. سڀ ٻچاڻا اهو گهارو وڻ جي ...
چوڏي وانگر ٿي لڳو. ڪٿي ڏنو ماڻس نه ڏسي ...
ڏاڏي جي هنج ۾ ڪرنوڏرو پيو لڳي. چوي ...
هائوءَ رئي پيو. پر ولي نه پيو.

اي خدا! انسان به نه انهن آهن. ٻيلو آ...
لڪ لهڻ. جي پر ڪٿ دکها نه ڪڪ. ۾ ما...
لڪڻي ٻي ٻيءَ جو اظهار ڪري نه ٿو ڪري ٿا. ...
ڪفر ٻولڻ ليمدو. خدا بخشي. اهڙي غلطا مون...
لڳي. انسان نه احد شڪتي آهن. وگيان انهيءَ ...
جو شاهڪي آهي. ڇا! نه دماغ جي ڪماليت جي ...
آهي! پر تون دل جو داستان به نه آهين. اعليٰ ...
جو ليبڪي آهين. وشو پريم مهاپرش ٻاٻوءَ جيءَ ...
آلما جو قسم ڪالي اها هام هڻي سگهين ٿو، انهي ...
جي دم لڳائڻ جو اڌڪاري ٿي سگهين ٿو.

ماڻهوءَ جو ملهه

– ڀوڄومل جيوترام

سائينءَ پنهنجي شڪتيءَ سان جا هيءَ سرشٽي سرجي آهي، سا سالڪن چئن ڪلاسن ۾ ورهائي الڳ ڪري ڄاڻائي آهي. (١) انڊج (آنن مان پيدا ٿيندڙ پکي ۽ جيت وغيره) (٢) جيرج (جيري مان پيدا ٿيندڙ ماڻهو، مرون، پسون وغيره.) (٣) سيتج (سيڪ مان پيدا ٿيندڙ مڇر، مکڙ، کٽمل وغيره.) (٤) اڀيج (زمين مان اڀرندڙ وڻ، ٻوٽا، گاهه ۽ زمين مان کوٽيل ڪيڏيل ڀدارٿ وغيره.)

انهن سڀني ۾ انسان کي ئي اشرف المخلوقات سڏيو ويو آهي يعني ڪل ايڏيل ڪائنات ۾ سڀني کان سرس ۽ شريف. هاڻي ڏسون ته انسان جو درجو آهي ڪيترو؟ مونکي سالن کان هڪ پارسي بيت جون ٻه مصراعون دل تي ياد آهن، جي هر هر دل تي لڙي ايندڙيون آهن. اهي جيتوڻيڪ معنيٰ ۾ هڪٻئي جي ابر عڪس آهن پر پنهنجي دائري اندر بلڪل سچيون ۽ تز آهن. اهي مصراعون هي آهن:-

”بهاي خود مي دانم بسي ليڪن جو ته مي ارزم،
اگر مولي ڪرم سازد بهائم بي بها دارم.“

پهرين مصرع جو مطلب آهي ته جي پنهنجو ملهه تو

ٻر ڪرم ڪندي سماج کي ڦوليون هڻندو
چڱڪ سڀ لهي چڙهي ٿي لوڪان ٿو. اهڙو ٻانو
ٻلا آهي. اهو انسانيت وهين آدمي چئبو، ڪ
ايمان رهت مهاپرش آهي. هر قدم، جو هو
تنهنجي ٻيان ٻاولا اها آلس ته مان جو ڪم ڪ
سو ٻنهنجي من جي شانتي ڀراپت ڪرڻ خاط
رهيو آهيان. مونکي ان ۾ خوشي ٿئي ٿي. ما
ٿي مهرباني ڪري ٿو ڪريان. تڪي ڪري
ڀروڙ. يعني اجوري جي آشا نه رک. لاطم
جيون ٻر سگهي رهي ٿو. هيءَ ڪا سمت واٽي
هيءَ سگهي جيون گذارڻ لاءِ چڱڪ ساڌارڻ گذار

ٻنهنجو ته ليوڙو ٿون ٻاڻ ته پيت. مثان ڪ
ڪيائي ته ”ڪوٺي لڏي هنڌ ٻڙي چئي مان ۾ پ
ٻوءِ ڏاڍو ڏک ٿيندءِ. مونکي يقين آهي ته لو
جو مارپل آهين. اهو تنهنجو شان نه آهي ت
ديوانن جمان قلم ٻند ٻنهنجن وچارن جو پرچار
ڪندو وڃين. ٿون ليکڪ آهين. ٿون ٻنهنج
ٻنهنجي من جي ٻٽيءَ ٿي لکندو رهه. ٿون شا
نه ٿون ٻنهنجي شعريءَ سان ٻنهنجي دل شاد
رهه. اهڙيءَ رٿت ٿون ٻنهنجيءَ وچار ڌارا
ڪري سگهندين ۽ تنهنجي رهڻي تنهنجي ٿاپت
جو اظهار ڪندي رهندي. پيا، تنهنجا ٻول جوا
ٻنهنجن ليکن ۾ ڪم اٿيندا ۽ مٿي ٻچاڻا تنهنجا ا
تنهنجا معتاق ٻڌرا ڪري تنهنجو ٻادگار ٿاهيند
ڪنهنجو ٻه شاهد نه آهي. ”اُرسي ري آر
جهڙو ڪر سهڻو؟“ اها ٻه ڪا آرزو آهي
لوڪي مٿر هنڌ گهرجي. سماج تنهنجو آليو آهي

اهڙو ڪو ڪامل رهبر ملي وڃي، جو هن فاني جسم جي اندر جو روحاني خزانو اکل آهي، انجو در کولي آتما جو درشن ڪرائي، ٻاهر سهائڻ جو ٻيڙو ڏيکاري، ته ٻوءِ سڀ ۾ ساڳيو سائين ڀسي، سر پاءِ رکي، اهي ڪرشما ڪري ڏيکارجن جو دنيا دنگ رهجي وڃي. اهڙو اڪت خزانو هٿ آيو ته ٻوءِ انسان جو ملهه ڪٿڻ کان ٻاهر ٿي ٻوندو. هڪ شاعر چيو آهي ته

"جي ٿون صحيح سڃاڻين پاڻ،
ته آهين قيمت سندو قطرو."

آتما جو پرماتما سان سنبنڌ جوڙيو ته ٻيائي ڏسڻي ٿي ڪانه. جيئن سون ۽ زيور، مٽي ۽ برتن، ڪپهه ۽ ڪپڙا، جل ۽ ترنگ، سٽ ۽ ڪپڙا هڪ ئي روپ آهن، ڀيد ڪوڙ ڪوڙ آهي. جا وحدت آهي، سا ڪثرت آهي، خالق مخلوق ٻه اهوئي آهي. جڏهن اهڙو علمي خزانو هٿ اچي ٿو، تڏهن ماڻهوءَ جو ملهه بي بها ٿيڄي ٿو وڃي. مراد آهي ته ٻيءَ سڀ جو لاڳاپو شل آتما سان آهي.

انسان جي ڪلا اها ٻه ڄاڻجو ته هي جي ڪلون ۽ ڪارخانا، جهاز ۽ ريل گاڏيون، وڪيالي ڪرجهائون، چنڊ بالرائون، چتر ڪلائون سنگيت وديائون پيدا ٿيون آهن سي ڪنهنجا ڪارناما آهن؟

اسان کي جڳائي ته پنهنجو سچو ملهه سڃاڻي، جيئون سڦلي ڪرڻ لاءِ ان مالڪ جي مهر هٿ ڪريون.

ڪتابن ۾ اُن جو جيترو به ذڪر ٿيل آهي. ايءُ جو اُ
۾ جي اُهو منهنجو پاڻ ناهي ۽ منهنجو مل
چالو وهي.

ٻيون ۽ ٻهراڙن گهڻو ڪٽري قدر سچو آهي
جي وسيع آدم جي ڳڻ ۾ اُڪيلو هڪ انسان ڪ
قطار ۾؟ جيئن رڃ پٽ ۾ هڪ واريءَ جو ڪڻو
جي جوڻ ۾ اُن جو به نه. اهڙو اڻڙو ۽ خسيس
۾ انسان آڪڙ ۾ اچي پاڻ کي ڇا جو ڇا ٿيو
ڇي ٻهري لهي ٿي مون ڪان ڪو. سڪڻيءَ ڪني
ٿيو اُيامي. دم دال جو، ۽ آڪڙ پلاهه جي. الـ
جاڻي ٿـ سولهن ۾، ڏن دولت ۾، بدني طا
عهدي ۽ عقل ۾ مان ڪروڙين آدمين کان ڪرٻل
ڦوڪڻي وانگر ڦلندي ٿيو ۽ هٿ مٿي اُڏامي. ...
۽ آدم آهي دم گذر، لڳو واءُ ويو ساهه. "جـ
لي بدبدا، اُهڙي بسي نيست، جڳ رچنا ڪـ
ڪهه نانڪ سن ميت." اي انسان! مڃهه هڻ
۾ ٿيءُ ڳڻ وانگي لـڙهه. ڪين آهين، نيست
ڪين ۽ ڪو ڪارج ڪماءِ. هـت ڪمراهيا ڪيترا
سڌ سڌ ٻر. ڪجهه سمجهه سگهي، پاڻ کي خاڪ جو
ٿلو جاڻي، نهچو لٽڙ. مطلب ۽ ٻهراڙن مصرع هن
جامي لاءِ، جو اوچي ڳامت سان ٻهر الڏ ۾ هلي
ڦزن دار ٿي لڳي.

اي سڀ ڏيکاري ٿي ۽ اهڙو جي ٻاجهه

انسان، عامل ۽ عاقل شخص انهيءَ راهه تي هلندا آهن ته ٻالڪ اوستا ئي آهي، جنهن ۾ قوم جي قسمت هڪ مضبوط بنياد تي اَڏي سگهجي ٿي. سماج جي گراوٽ يا بلنديءَ جي جڙ ٻالڪ اوستا جي صحيح يا غلط تربيت تي منحصر آهي ته ٻوءِ انهيءَ منطق جو سارو دارومدار ٻالڪ اوستا جي وِديا تي ئي آهي.

انهيءَ ڏس ۾ ٻالڪ جي من جي احساس ڪرڻ لاءِ ڪيترن ودوانن ۽ سائنسدانن ٻارڪ ڪوجنائون ۽ تجربا ڪري پنهنجو قيمتي وقت هن ڏس ۾ گهڻو ڪي خرچ ڪيو آهي. جيستائين ماتا پتا ۽ اُستاد ٻالڪ جي هر هڪ چرپر کي ٻالڪ جي مدنظر نه ڏسندا، تيستائين ٻالڪ جي صحيح ترقي (Rational Growth) نه رڳو ڪٺن پر ناممڪن ثابت ٿيندي. تنهڪري ماءُ پيءُ ۽ اُستاد کي ٻار جي فطرت ۽ سڀاوءَ ڄاڻڻ جو گيان هئڻ بلڪل لازمي آهي. انهيءَ ڪوجنا جي نتيجن تعليمي سرشتي جي اصولن ۾ عملي طور تسار ڪري ڪافي انقلاب آندو آهي. انهن ڪري ماتا پتا ۽ اُستاد جي ذهنيت کي ٻار جي سڀاوءَ خيال جي ڪسوٽيءَ تي لڳائڻ ۾ ئي ٻالڪ جي صحيح تربيت جو راز سمايل آهي. مثلاً :- ڪنهن ٻار کي سيکاري ته ٻه لڪڻ تي رڳائون ڪر. اسانکي ٻالڪ جي هر هڪ مسئلي، قدرتي ۽ سڀاوءَ اشارن ڏانهن مطلب ٻوءِ ٻارڪ نظر سان ڏسڻ گهرجي. تنهن ڪري اسانجو اهو ٻهرائون فرض ٿيندو ته ٻار جي فطرت ۽

● ٻالڪ اوستا

– موتيرام وليچا

ٻالڪن جي لاءِ وڌ ۾ جيترو سندس ماتا پتا
ٿو اچي، سماج جو ڪو به شخص يا جماعت ڪم
ويجهو ٿو پهچي سگهي. مگر زماني جي موجود
۾ ماءُ، پيءُ ۽ اُستاد ٻالڪ اوستا جي دوجي ڪان
ڏور نڪري چڪا آهن، جو رواجي طرح ٻار جي
خيالن جو مادو منجهن گهٽ ڪو موجود آهي.
قدم تي ٻار کي پنهنجي نقش قدم ۽ خيالن تي هلا
هر ممڪن ڪوشش پيا ڪن. ڪڏهن ٻار ۽
ڏاڍ جي وسيلي ٻارن کي پنهنجيءَ هلت چلت
تي هيرڻ ٿا چاهين ۽ مگر عام طور ڏٺو ويو آهي
مان ٻالڪ کي فيض گهٽ ڪو رسي ٿو. جنم ڪا
انسان جي هرهڪ اوستا جي مدت کي پنهنجو
شرف ملل آهي. مثلاً ٻالڪ اوستا ۾ جي معصو
۽ سچاوتڪ جذبا ٻار ۾ موجود آهن، سي جواني
اوستا ۾ هرگز ڪين آهن. وري جوانيءَ جا جذبا
۽ دماغي طاقتون، دلي نراوت ۽ جسماني شڪت
نوجوان ۾ آهن سي ٻڍاپي ۾ ڪم ٿيو وڃن. ٻار ز
جي سيڙهي ٻهڻ مان لنگهندي، دنيا جا عالم

نه ڪرڻ سبب جسماني سزا ڏيڻ بلڪل غلط سمجهيو
ويندو آهي. ٻارن کي هڪجهڙن، ٻالڪن ۽ گڏن
ڳالهين سان ٻالڪ ڪندو ڏسي عام طور وڏن جو
خيال شايد نه، پڪجي ٻار ٻالڪ جي من - ودنا،
جي چالڻ لاءِ اُن ڪافي ذخيرو موجود آهي.
مثلاً:- جڏهن ٻار ڪنهن جهڙي هاڃيڪار وسيلي
سان ٻالڪ وڏ کري رهيو آهي ته ڪاوڙ ۾ اچي
زبردستيءَ ڪالهه اهو ڪسي ڪنهن روڪڻ، ڏنگائڻ يا
لنوڙ هٽڻ جي سياڻپ جو قدم کنيو آهي. سڄو ائين
ٿيندو جو اُن جي بدلي هو ٻيو اهڙي ئي قسم جي ڪا
ٻي - جوکي دل هر ڪاٿيندو ۽ لڪين وسيلو ڪنهن هٿ ۾
ڏيڻ اهو انصار، وسيلو ڪمڪاري ڪٿي ٿي چڙجي. انهن
ڪرڻ سان سندس سڀاوڪ جذبات کي ڌڪ رو ته لوڪر
نه لڳندي ۽ ٻهڄو مطلب به سڌ کري سگهيو. جڏهن
ٿيندو ٻار ڪنهن وڏي جو نقل ڪندي قضا سان ڪا
ٻهڙي يا سگريٽ ڪٿي ٿو پڪي يا چمن ئي رکي ته
سندن ائينءَ اڻسڌو عادت کي اهڙي آسان طريقي سان
ٻند کري سگهجي ٿو جو ڪنهن ٻهڙيءَ ۾ مرچ وجهي
سندس ٻرسان چاڙهي ڇڏهي اچلي ڇڏيو. هن دفعي ڪنهن
ٻهڙي پڪڻ سان جا ڪن ساعت تڪليف ٿيندي، انهن
ڪان هميشه لاءِ سڀاوڪ ٻاڻ ٻلي ڇڏيندو. مگر ٻار جي
طرف سان ٻهاوت ڪرڻ سندس لوڙهيءَ ۾ رڪاوٽ
وجهڻ برابر آهي. انهن کري اُن جي سڀاوَ موافق

سڀاءُ جو لاڙو ۽ رخ (Instinctive Tendency) صحيح
نہ ڪڍڻو آهي. ٻيو اهي لاءِ اسان کي گهر
(Aids) مهيا ڪرڻ گهرجن. ڇا استاد ڇا مائٽ
جو خيال تيستائين هرگز ڇڪي نہ سگهندا، جيس
سندس فطرت کي ٻجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي
جيسين ٻار جي سادن خيالن ۽ ڀاوَن کي اهڙي ط
کيڏيو آهي، تيستائين سندس هدايت ۽ وديا ب
بي معني رهجي وينديون. انهن جي ٻڌيءَ کي ج
ٻنهنجي اهميت نہ آهي لڏهن نہ ڄمڻ بعد اي
سمجهڻ ۾ اچڻ ذرا ڪٺن آهي. تنهن ڪري
ٻولين، خواهشن ۽ اشارن کي نظرانداز ڪرڻ ٻ
سندن سڀاويڪ ترقيءَ جو نسورو خون ڪرڻو آه

اڳتي هلي ڏٺو ويو آهي تہ ٻالڪ جو اڪي
سندس قدرتي سڀاءُ (Natural Instinct) جي بلڪل
آهي. ٻاڻ جهڏن ۽ گهرو جهڙن جي وچ ۾ رهڻ
(Gregarious Instinct) ٻالڪ اوستا کان ئي انهن ڏ
مذڪر ۽ مونث جي صحيح سمبنڌ جي ڄاڻ و
اوستا ۾ ئي ٻالمراد و ظاهر ٿئي ٿي. تنهنڪري
اسڪولن ۽ وقتائتي اوستا (Time Stage) جي ڄاڻ
فائدو وٺي سندس ان وقت جي ٻڌيءَ انوسار ڪ
ڏيڻ لاڀدايڪ ٿيندي. ڪيترن استادن جو اه
هوندو آهي تہ 'مار ٻار جي سڌار' آهي. مگر
امريڪا ۽ جرمنيءَ ۾ ٻارن کي وس ويندي س

سمايل آهي. قوم جي ترقيءَ يا تباهيءَ جو مدار هرهڪ فرد تي آهي. جيڪڏهن هر شخص پنهنجي پنهنجي دائري ۾ هڪ ڪارگر شهرواسي ثابت ٿئي ته ساري قوم جو بخت بالا ٿي پوي ۽ پوءِ اهڙي قوم، دنيا جي ترقي پسند قومن ۾ سرمور ٿي پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري سگهي ٿي. اهي ٻالڪ ئي آهن، جن مان اسان جي ديش جا ودوان، فيلسوف، شاعر، ڪلاڪار ۽ وگياني اُڀرن ٿين ٿا.

وديا جي خاص مراد آهي ته ٻارُ همندڙ اُنهن ۾ لڪل شڪتيون کولي ڇڏي ۽ اُن جي آسپاس اهڙو وايومنڊل پيدا ڪري، جو اُنهن شڪتين جو صحيح ۽ پورو پورو وڪاس ٿئي. جيستائين تعليمي سرشتي جي اهڙي ترجماني نه ٿي آهي ۽ ٻالڪن جي وديا تي جوڳو ڌيان نه ڏنو ويو آهي، تيستائين ڪابه قوم ترقي نه ڪري سگهندي. اُهيءَ مراد پورائب ڪرڻ لاءِ وديهي ملڪن ۾ ٻارن جي وديا تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي ۽ اُنهن جي تربيت لاءِ ٻارن جي من-وديا جا ماهر مقرر ڪيا ويندا آهن. تنهنڪري تعليم جي ٻانڪارن کي ٻالڪن جي وديا تي خرچ ڪري خاص ڌيان ڏيڻ ۾ ئي ديش جي جڙ مضبوط ڪرڻ جو راز سمايل آهي.

واتو متبدل پيدا ڪرڻ ۾ ٻئي ٻار جي صحيح ن
باعث آهي. هر وڏو ٻار کي بلڪل حد کان ٻاه
ڇڏڻ به نقصانڪار آهي. اُن حالت ۾ ماءُ پيءُ
ٻالڪ جا (Guides) رهبر ٿي ڪين موافق هدايت
رهندا ۽ پنهنجي عمل سان ڪين متاثر ڪري د ر
ڏيکاريندا رهندا ته بهتر ٿيندو.

اِهي عادت جا ٻارن ۾ عام طور ڏسڻ ۾ ايند
سا آهي گهڻي 'ڇو ڇو' (Instinct of Curiosity
ٻالڪ جي اِنهيءَ عادت کي ترقي ڏيڻ سان اڳتي
محقق کوجنا (Research) جو مادو پيدا ڪري
ٿو. ٻالڪن ۾ اِها ڳالهه به اڪثر ڏسبي آهي،
ٻئي سان اُنهي جهيڙون ته اُنهي پرچن ۽ پيا
(Instinct of fight & love) اِن وسيلي کي به صحيح
عمل ۾ آڻڻ 'من-وديا' جي ماهرن (ychologists
هڪ اهم مسئلو آهي. جي ماءُ پيءُ پڙهيل ۽ ود و
۽ اُستاد هلڻ ڏوکي آهي ته ٻالڪن جي پالڻ
وديا ڏيڻ ۾ هو گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا
اصولن ۽ طريقن ٿي ٻارن کي تربيت ڏيڻ سان ا
شهرواسي ۽ قوم پرست اِنسان پيدا ڪري پنهنج
۽ ملڪ جو ڪافي آڌار ڪري سگهون ٿا ۽ پو
ديش به صحيح معنيٰ ۾ خوشحال ۽ سوتنتر ٿي سگ

مطلب ته جڏهن اڄ ۾ اُسرندڙ د رحمت سماج
لئن اسانجي ايندڙ قوم اڄ جي 'ٻالڪن جي ٻ

رام:- امان ....

ماءُ:- (ڳھڻي وقت بعد ڪري) ڏاڍي دير لڳايئه رام!

رام:- آفيس ۾ ڪو ضروري ڪم ٿي پيو ان ڪري دير ٿي وئي. ٻيو .... اڄ ته ڇهه لڳا آهن. ڪنور جي شادي لاءِ ٻڌي ٿيندي. اجمير کان جمهور ٿالهن ٻهڳڙ ۾ ۽ ڪلاڪ مس لڳندا. چڱو... مان هلان ٿو امان!

ماءُ:- پر اڄ ته ....

رام:- ڇو ....

ماءُ:- (هٻڪندي) اَ. اَ. اَ .... ڪنور جي شاديءَ لاءِ ... سيتا به ته ضرور ايندي؟

رام:- سيتا .... ؟ (لرزش ڀريو سڏڪيندي) .... (ٻدل آواز ۾) ايندي ته ضرور .... ڪنور سندس سڳو سؤٽ آهي.

ماءُ:- (ٻرندل ڳلي سان) پوءِ ته هينئر ڏهن مهينن جو ٿيو هوندو.

رام:- (ٿڌو ساهه کڻي) ها امان! پوءِ برابر ڏهن مهينن جو ٿيو هوندو پر مون اڃا سندس شڪل به نه ڏٺي آهي.

ماءُ:- (غم ۽ غصي سان) ان ۾ توهانجو ڪهڙو ڏوهه؟ ڪل ڪالهه، هن ٻهاڪيءَ سان ڪٿي وڃي توهانجو اڱڻ اڄڙيو؟ (آرسيءَ سان) سچ، ٻارڙي جي شڪل ڏسڻ لاءِ منهنجو ۽ هيانءُ ڦٽڪندو آهي، پر هن چنڊيءَ جي دماغ ۾ اڃا هوا ڀريل آهي.

- گوورڌن معب...

(شروعاتي سنگيت بعد موٽرڪار جي
آواز .... آواز بعد ٿئي ٿو. موٽر جي دروا...
۽ بعد ٺڪ جو آواز.... رام جي قدمن جو آو...

رام:- ڀولوُ .... او ڀولوُ ....

ڀولوُ:- (دور کان) آهو صاب آهو .... (ويجهو اچي...
فرمايو حضور ....

رام:- سامان تيار آهي؟

ڀولوُ:- سڀ سامان تيار آهي صاب! هيءَ انهيءَ...
ڦرمت جو نوڪرو، هيءَ مٺائيءَ جي...
هيءَ کسور باڀوءَ (ڪشور بابوُ) لاءِ
(شاديءَ) جي پرجيزنٽ - (Present).

رام:- اَمان ڪٿي آهي، ڀولوُ؟

ڀولوُ:- پوُڄا واريءَ ڪوٺيءَ ۾.

رام:- چڱو، توُن سامان موٽر ۾ رک ته مان
موڪلائي ٿو اچان.

ڀولوُ:- حاضر صاب! ....

(رام جي قدمن جي آهٽ. پوُڄا جي...
جو آواز اڀري ٿو اچي)

رام:- .... ۽ تو به ضد ڪري ڇڏيو ته: "پاڻهي واپس وئي آهي ته واپس به پاڻهي اچي!"

ماءُ:- خير.... مون ته ڪو ضد ڪونه ڪيو.... پر ٻار الٻيلي هن جي ماءُ منهنجي لاءِ ڪهڙا وچن ورتا؟ چي: "رام ۽ سيتا جي وچ ۾ اها ڪهڙي ويڙهه ڪٿان اچي پيدا ٿي آهي؟"

رام:- (ٿڌو ساهه کڻي) سيتا جي ماءُ کي اُنهن ڇوٽ ته ڪهڙو هو.

ماءُ:- ڪو اُنهن ڇوٽي ها ته به مان زهر جو ڍڪ پي وڃان ها، پر مولتي ڪهڙا ته ڪوڙا اکر ٻڌائين، چي: "حاڪمياڻي کي ڪنهن ٻيءَ ڇوڪري ۾ منهنجي ڌيءُ کي ڀالهين والڪر تي وهائي. مانا ڪالهه اڃا مٿي چڙهي آهي ته به منهنجي ڌيءُ جون سڙهيون ۽ زيور ٻائي، شهر ڪڍڻ دي لئي ڏلي. "مائي! ظلم ٿيو، اڌار ٿيو. ڪو هيڪ ڏيهن سيتا جي ساهي ۽ ٻيڪليس ٻائي ڪنهن شاديءَ ۾ واپس ته ڪهڙي چوري ڪئي؟ ڪهڙو ڏاڍو هيو؟ سيتا جا ڪپڙا ۽ ڳهڻا ڇا هن گهر جا ناهن؟

رام:- ڪو ڪپڙا ۽ ڳهڻا ڇو؟ سيتا به هن گهر جي آهي. اهو تو ڇو وساري ڇڏيو امان؟ تو ضد ڪيو ته مان سيتا کي واپس نه وٺي اچان ۽ سيتا جي ماءُ ضد ڪيو ته جيسين مان پاڻ سيتا کي وٺي نه ويندس تيسين هوءَ پيڪن مان نه ايندي. تو

رام:- ڇاڪري ته هتي وڃڻو آهي امان! رڳو س
ڏوهه ڏيڻ واجب ناهي ....

ماءُ:- (البت غصي ۾) ته ڇا ان ۾ منهنجو ڪ
آهي؟ زال جي ضد جي ڳالهه وساري، ماءُ
پيار ڏيڻ ؟

رام:- مون توکي پيار ڪٿي ڏني امان ؟

ماءُ:- پيار ته ڏنئه ته ڀلو ڇا؟ ٻڌاءِ نه شرار
شروعات ڪنهن ڪئي؟ .... سندس ڀاءُ جي
جي ٿار آئي. هن ان وقت لئي ٻهڪي وڃڻ
مون کيس رڳو اتر و ڇهو ته هيٺ ته،
وڃڻ. ٻه هوءَ منهن سڄائي، اکيون ڪٽي، پا
ٿالکو ڪري والي لئي وتي ٻهڪن ڏانه

رام:- هن ته برابر پاراڪالي ڪئي، ٻه لون ته
ٻروڪيءَ جو ثبوت ڏنو ها!

ماءُ:- اڙي واه! ٿري ته ٿوءِ مني؛ ماءُ مٿي
کيس منهنجي مرضيءَ سان لئي وڃڻو هو ته
پاڇڻ جي ضرورت لئي ڪهڙي هئس.

رام:- خير .... هن کان ته غلطي لئي وئي. ٻه ر
جڏهن مان کيس واپس ولي اچڻ لاءِ لوار
تو منع ڇو ڪئي؟

ماءُ:- منع ڇو ته ڪرياڻ؟ جڏهن هوءَ منهنجي
مان مولي ڇالين ته ته لرسي ته منهنجو سا
وڃڻ مولڪي سهڻو ته لڳو.

منهن ڏسي مان ڦري وڃڻي ۽ ماءُ کي مٺي هاب
ڪرڻ ....

(رام جي قدمن جو آواز .... موٽر جي دروازي بند ٿيڻ ۽ موٽر ڪار جي اسٽارٽ ٿيڻ ۽ هلڻ جو آواز جو ڌيري شرنائيءَ جي آواز ۾ ٻڏي وڃي ٿو. شرنائيءَ جي آواز سان گڏ ماڻهن جو شور به اڀري ٿو اچي.... شور مان هڪ ڏهن مهينن جي ٻار جي روئڻ جو آواز اڀري ٿو اچي، جيڪو ڄڻ شاديءَ جي ٻوڙ ۾ ماڻهن کان الڳ ٿي، سمجهي ٻڌو آهي .... موٽر جو آواز .... ٻار جو روئڻ .... موٽر جو آواز .... ٻار جو روئڻ .... اوچتو موٽر کي بريڪ ڏيڻي روڪڻ جو چيڪاٽ .... موٽر جي دروازي کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو آواز .... ٻار جو وڏڪ زور سان روئڻ ....)

رام:- (البت هراس مان) شڪر آهي پرماتما جو! موٽر جي هيٺان اچڻ کان بچي ويو .... (غصي مان) هُنهه .... جي ٻالڪ ۽ سنڀالڻ جو هوش نه هجي ته اهڙا ٻار ڄڻين ڇو؟ (ٻالي آواز ۾ ٻار کي پرچائيندي) لالا (بس بس) ٻوءَ .... لالا .... الي لولي ڪنهن مارئو؟ بس بس ... الي واه واه .... واه ٻوءَ ڇا ڪالي؟ لڏون ڪالي، اهڙا ڪالي، مالو ڪالي، موهن ٿال ڪالي .... اڙي ڇا ڪالي .... آل ڏانس، مال ڏانس، سنهڙي سهڻي زال ڏانس .... بس

مونکي روڪيو. سينما جي ماءُ، سينما کي
ان طرح اوهان ٻنهي جو ضد، اسان ٻنهي
ٽٽجي پيو. هن جي سامهون هن جي ماءُ جي
جو سوال هو ۽ منهنجي سامهون منهنجي
عزت جو سوال هو. ان طرح اسانجو ضد،
ضد نه، پر اسان ٻنهي جي سڌمان جو سوال
پيو.... (دک مان) هڪ خسيس واقعو اسان لا
جهيڙو ٿيندي پيو ۽ عام ماڻهن لاءِ تماشو
ڇالهه کي اسان سڌمان جو سوال بڻايو، آ
لي لپي اسانکي خلق ۾ کلڻ هاب ٿيڻو
لو هڪ پٿر اڇليو، موٽ ۾ سينما جي ماءُ
اڇليو ۽ هاڻي آهي پٿر اسانجي دلين جي
ديوار ٿيندي پيا آهن ....

ماءُ:- وري به مونکي تو ڏوهه ڏيـن؟ مون ڇ
آهي؟ تنهنجي مرضيءَ موجب تنهنجي
ڪرايم. نه ڏاجو ورتم، نه ڏڄ گهريم. س
۾ آئي نه گهرجون ڪڇيون سندس حوالي
اچي هيءَ ڪوڙي وسايم، نه به قصور مد

رام:- (دک مان) ڪنهن جو به قصور ڪونهي
شايد اهو اسانجي قسمت جو قصور آهي
ترسي) چڱو مان هلان ٿو.

ماءُ:- وڃ پٽ! سفر ۾ سائين تنهنجو سهائي ٿيندو
پٽ، دل کي ٻڪو ڪج .... متان جوءِ ۽

خبر ڪانه هئي ته ....

سيتا:- توهانکي ڪٿان خبر پوندي جڏهن توهان، هيلتائين پنهنجي ٻوءِ جي شڪل به ڪانه ڏٺي هئي ؟

رام:- پر سيتا! ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟ تون ئي ته ضد ڪري گهران هلي آئينءِ.

سيتا:- مون ته برابر ضد ڪيو پر اوهان اهو ضد گوارا ڪٿان ڪيو؟ توهين ئي ته چوندا هئا ته ”جاءِ جوءِ ڇڏڻ مردن جو مرڪ ناهي.“

رام:- اوه! مان ڇا ڪريان؟ منهنجي ماءُ مونکي منع ڪئي .... ”مان توکي وٺي اچان.“ ان ۾ هن پنهنجي بي عزتي سمجهي.

سيتا:- (ٽوڪ مان) هاڻي ته سندس عزت رهجي آئي آهي نه؟ توهانجي ماءُ توهانکي منع ڪئي، منهنجي ماءُ مونکي منع ڪئي!

رام:- پوءِ ٻڌاءِ نه اهڙيءَ حالت ۾ مان ڇا ٿي ڪري سگهيس؟

سيتا:- توهين سڀ ڪجهه ڪري سگهيا ٿي پر توهان ڪجهه به نه ڪيو.

رام: (جوش مان) ۽ تو ڇا ڪيو؟

سيتا:- (نرم آواز ۾) مان به سڀ ڪجهه ڪري سگهيس ٿي پر مون به ڪجهه نه ڪيو .. ۽ پوءِ ٻن شخصن جي لڙائيءَ ۾ ٻوڙا لتاڙجي ويا ... هوءَ ٽئي ڄڻن

بس .... چپ .... (کفي ٿي) .... اوهو
هاڻي بس بہ ڪر نہ! .... الي
هارن وڄائيندا. (موٽر جي هارن جو آواز
سان گڏ رام بہ وات سان آواز ڪري ٿو)
پين .... پررر .... پررر .... پين .... پين
آهستي آهستي رڪجي بند ڪري ٿو.) شاباس
شاباس .... شاباس منهنجا ننڍڙا شير ....
ٿوڪي؟ تنهنجي ماءُ پيءُ ڪي جن هٿن
اڪيلو ڇڏي ڏنو آهي .... جنهن ڪو لڏ
لاوارث ڀا ڇورو ڇنو آهين .... هل يار
ذرا موٽڪي نہ تنهنجي ڪمبخت ماءُ پيءُ جو
نہ هلي ڪراءِ ....

سيتا:- ڪمبخت ماءُ جو درشن نہ هاڻي ٿي ڪري
(ٿورش پرلو سنگيت).

رام:- (حيرت مان) سيتا .... تون .... هيءُ .... هي
پوءِ .... پوءِ ....

سيتا:- "منهنجو آهي؟" اهو ٿي لا ٻچڙ چاهي
(ٿوڪ مان) هيه .... پٽ پيءُ جي گود ۾ ه
لڏڪو سمجهو ويو ....

رام:- (دک مان) سيتا .... !

سيتا:- پيءُ جنهن پٽ جي پرٿوور نہ ڪيندو اهو نہ لا
لئي ليکيو ويندو.

رام:- سيتا .... سيتا! موٽڪي شرمندو نہ ڪر ....

"جهڙيءَ طرح توهين پنهنجي ماتا پتا جو آدر
كندا آهيو، اهڙيءَ طرح منهنجي ماتا پتا جو به
آدر كندا."

رام:- .... ۽ تو به نه وچن ڏنو هو ته "سدائين منهنجي
ماتا پتا جي سيوا كندينءَ. منهنجي مرضي موجب
رهندينءَ ۽ پتي ورت ڌرم جو پوريءَ ريت پالن
كندينءَ."

سميتا:- ياد اٿو سهاڳ جي رات توهان مونكي كهڙي نه
سندر سکيا ڏني هئي. توهان چيو هو، "سميتا!
شادي هڪ اهڙي مكان مثل آهي جنهن كي
جوڙڻ لاءِ اسان كي هر روز هڪ سر ٻيءَ سر سان
جوڙڻي پوندي.

رام:- ۽ تو به نه چيو هو ته اُن مكان ۾ جيكڏهن
اتفاق سان ڏار پئي ته تون سيمينٽ بڻجي ان جي
مرمت كندينءَ؟

سميتا:- مون ته سوين دفعا اُن ڏار كي بند كرڻ لاءِ سوچيو
هو پر توهان ته مونكي كڏهن ياد به نه كيو هوندو.

رام:- ياد؟ .... چري مون ته كيترا پيرا توكي خط لکڻ
جو ارادو به كيو پر پوءِ ڌري ....

سميتا:- توهان ته رڳو ارادو كيو نه، پر مون ته كيترا پيرا
توهانكي خط لکيا به هئا پر وري اُمان جو خيال
كري اهي ڦاڙي ڇڏيم .... سچ ڏاڍو غصو ايندو
هوم توهانجي اِن رخيءَ ۽ كمزوريءَ تي ....

ٻڌڻ سومان جي سنڀال ڪندڙ ن ...

اسانجو زندگيون زهر ڀريل هون ۽ اسان ...

نڪتڪو ڀڄي ٿو .... (ڊپ سان)

رام:- سيتا .... سيتا .... صبر ڪر (شرابي ...

ٿيڻ ٿي لڳو .) صبر ڪر سيتا .... شادي ...

شپ موقعي تي لڙڪ ڀڄا هيءَ آنسون اڄ ...

نا لڳن .

سيتا:- سهاڳڻ ۽ اڄ سهاڳڻ جي صون ...

هڪي ها نه هيءَ ڏيهن ڏسڻو نه ٿو ...

(زوردار ٽڪ)

رام:- (نرمي ۽ هلڪائيءَ مذاق سان) روءَ نه سيتا ...

لڳي ٿو نه ٻئي کي ٻه چالڪ ڪالهه لڳي نه ...

پولڊو .

سيتا:- (ٻهراڙي ڪلي سان) اهو ڪم سوا سال اڳ ...

نه هيءَ ٿو ٻت نه اڄي ها . (دور ڪان و ...

جي ماڻهن جو آواز ايندي ٿو اچي .)

رام:- (پيار ۽ ٻهڌالي سان) چڱو چڱو ٿون ٻ ...

وڻ نه مان تي ٿو لڙڪڀڙا آنسون اکهان . (ڪ ...

شوڪارو ٻري) هؤ ڏس سيتا ! ڪهو ...

ڪدوار سان لالون لهي رهيو آهي . ڪ ...

اڳ ، اهڙيءَ طرح لهيجو ۽ مهيجو ، ٻاڻ ...

ويو هو .

سيتا:- ۽ اوهان اڱڻي ڪي ساڪي ٻالي ٻڻ ڪهو ...

صرف اسانکي آهي. پيا دخل اندازي ڪري، اسان جي ڏک جو ڪارڻ بڻجن، اها ته اسانجي ڪمزوري چئبي.

سيتا:- آئينده اسان پنهنجي من کي به اهڙيءَ ڪمزوريءَ جو شڪار نه ٿيندو.

رام:- ڇا مطلب؟

سيتا:- مطلب ته سيتا رام جي آهي ۽ رام سان ئي گڏ رهندي.

رام:- (خوشيءَ مان) سچ؟ پنهنجي ماءُ کي اها ڳالهه چوندينءَ؟

سيتا:- اڳ نه چيو هومانس، پر اڄ ضرور چونديمانس. شاديءَ بعد استري ساهرن ۾ سونهندي آهي.

رام:- (خوشيءَ مان) سيتا ....

سيتا:- رام ....

(شرنائيءَ جو آواز اڀري ٿو اچي ....)

* * * * *

(موٽر ڪار هلڻ جو آواز ....)

رام:- پوءِ ڪي نه ننڊ اچي ويئي ....

سيتا:- ننڊ ۾ به ڪهڙو نه پيارو ٿو لڳي .... روش ته بلڪل توهان جهڙا اٿس.

رام:- آخر پٽ به ته ڪنهنءَ جو آهي نه!

سيتا:- توهين ته اُلٽي ڳالهه پيا ڪريو. چوندا آهن ته پٽ ماءُ جو ۽ ڌيءَ پيءَ جي ٿيندي آهي.

سوچيندي هئس: ڪهڙي قسم جو مرد
هت هليو ويو اچي. آمان کي چئه ڪري،
ٻالڪن کان جهلي، ٻوڙيءَ ولي ويو هلي!

رام:- (عجب مان) سچ؟ مان ائين ڪريان ها
ٻرو نه لڳي ها؟

سيتا:- بلڪل نه ....

رام:- ۽ مان سوچيندو هوس ته: "تون ڪه
ٻزدل آهين! جي گهر ويٺي اچين ته آفيس
اچي، چو ته ٿي مونکي سمجهائين. آفيس
منهنجي ڪار جو رستو روڪي مونکي چ
چوين: "رام! هيءُ ٻاراڻو ڪيل آهر ڪ
هلندو؟"

سيتا:- اڳ ته ائين نه چيم ٻر جي هاڻ چوان ته ...

رام:- (سرهائيءَ سان) ته مان توکي وڏو ٻالڪن
اصل چوڻيءَ کان پڪڙي سڌو گهر ولي

سيتا:- ۽ توهانجي ماءُ جو سومان؟

رام:- وڏو منهنجي ماءُ جي چئو، تنهنجي ماءُ جي
جو ٻه نه سوال آهي؟

سيتا:- مونکي هميشه هن جي پرواهه ڪانهي.
ٻيوٻوليءَ سبب مون تمام گهڻو سٺو آهي

رام:- سٺو نه مون ٻه آهي سيتا! مان سوچيندو
منهنجي زندگيءَ کي ٻڌائڻ ۽ ٻڌائڻ جو

ماءُ :- ڪشور جي ڪمرو ڪٿي آهي ؟
رام :- (الماري اندازسان) اصل اي - ون (A-1) بلڪي
چونڊس جو چمڪ!
ماءُ :- هون .... (ڪجهه ترسي) ؟ .... ؟ ....
رام :- ڇپ ڇو لڳي وئي امان ؟
ماءُ :- ٺ ٺ . ڇپ ڇو ٿيندس ؟ (هٻڪي) آ .... آ .... آ ....
سيتا شاديءَ لئي آئي هوندي ؟
رام :- آئي هئي ....
ماءُ :- تو ڪيس ڏٺو ....
رام :- بلڪل چڱيءَ طرح ....
ماءُ :- ؟ پوءِ .... ؟
رام :- پوءِ ڪي نه ڏٺم .
ماءُ :- (خوشيءَ مان) سچ .... ڪيئن ٿي لڳو .... ؟
رام :- بلڪل تو جهڙو امان .... بلڪل تو جهڙو ....
ماءُ :- سچ .... ؟ سيتا تو سان ڳالهايو .
رام :- تمام چڱيءَ طرح ....
ماءُ :- (عجب مان) تمام چڱيءَ طرح .... ؟ .... ؟ پوءِ ....
پوءِ ....
رام :- پوءِ ڪي مون گهر ۾ ڪمرو .... ليکايو .... ڪڍايو ....
پڇايو ....
ماءُ :- سچ ....
رام :- بلڪل سچ ....
ماءُ :- ٺيڪ ....

(ٻاهر جي ڪلڪ جو آواز .... موٽر جو
موٽر جو رڪجڻ .... دروازي ڪلڪ ؛ ٻند
آواز)

رام :- (آهسته هلڪي) سيتا ....

سيتا:- ڇو ٻاهر ڇو رهيا؟ اندر هلو نه ؟

رام:- (ڌيمي آواز ۾) هلون ٿا .... اَ .... اَ.... اَ ....
مطلب هو ته اڄون ٿوري دير هيت ورا
ويهه ته مان اندر اَمان کي ....

سيتا:- (ناراض ٿي) وري ساڳي ڪمزوري ؟
اَئي صاف چيو هو ته : "جي اَمان اعتراض
ته اسين الڳ گهر ڳولهي هلي رهنداسين .
ته اَمي کان معافي وٺڻ لاءِ به تيار ٿي آئي

رام:- اهو ته آخري هٿيار ٿيندو .... ٻڌ سيتا
صبر ڪري، ٿوري دير هتي صوفا تي
مان ٻڌڻ مٿن ۾ اندران ٿي ٿو اچان .

سيتا:- (مصمم ارادي سان) تو مان لوهالڪي ٻڌ
چڱيان ته مان هتي ٻڌڻ مٿن کان وڌ
سيکڻ ته ته ڀرسند اس . (تيار مان) ڀرامز ise

رام:- ڀرامز ....

(رام جي قدمن جو آواز ....)

رام:- اَمان .... او اَمان ....

ماءُ:- اچي وڃن .... ڪٿي، شادي سک سان ٿو

رام:- بلڪل آنند سان .

ماءُ :- (عجب مان) ڀوتُ؟ .... ڪنهن جو ڀوتُ ....؟
ڀولو:- ڪنهن جو ڀوتُ؟ واهہ، هن گهر ۾ ڪنهن جو ڀوتُ رهندو؟ .... ٻاورچيءَ جو ڀوتُ .... انڌيءَ ڪنوار جو ڀوتُ .... لوهاڻي جو ڀوتُ .... أ .... أ .... أ .... منهنجو ڀوتُ.... ٻيو وري ڪنهن جو ڀوتُ؟
ماءُ :- (خوشيءَ مان - رام کي) اڇا .... تہ ڇنهن ڪنوار کي گهونگهٽ ۾ لڪائي وٺي آيو آهين .... هٽ .... شيطان ....
رام :- ڪڏهن ٿي وڃين أمان؟
ماءُ :- ٻاهر .... ڪنوار کي وٺي اچ نہ ....
رام :- تون ڀلي ٿرس أمان! سمتا ٻاهر اندر ايندي. تو کان معافي وٺندي.
ماءُ :- معافي ڇاجي ڇريا! هن ڪٿي ٻاراڻائي ڪئي تہ مان بہ ٻاراڻائي ڪنديس ڇا؟ اڙي جڏهن هوءَ در تائين آئي آهي تہ ڪيئن در تان گهر ۾ وٺي اچ نہ تہ مولڪي وچ گهر جي.
رام :- ۽ منهنجو سؤمان؟
ماءُ :- سؤمان تہ هن دنيا ۾ سڀ ڪجهہ ناهي. سمٽ جي ڇهاهہ سان سؤمان جو ٻئي سہ ٻڪوڙجي ٻاڻي ٿي ويندو آهي. سمجهين؟
رام :- (خوش ٿي) ڪٿان ڙي ڀولو .... سمجهين؟
ڀولو:- سڀ سمجهي ويس صاحب! سڀ سمجهي ويس.
(ٻئي ڪلن ٿا. شرنائيءَ جو آواز أڀري اچي ٿو ....)

رام:- ٻوه ڇا؟ ....
ماءُ:- تون ڪنهن ولي ڪو نه آڻين؟
رام:- ولي ڪٿان آڻيان؟ تنهنجي سؤمان کي ڇو
رسي ها؟
ماءُ:- (تماشا ۽ ڏک مان) تون ٻيءَ نه ٻر ٻچڙ آهين
منهنجو سؤمان ياد آهي ٻر منهنجي سڏي ۾
سنڌ جو ساگر ڇوليون ماري رهيو آهي،
تو ڪو نه ويچار نه ڪيو؟
رام:- اَمان! زهر جو اڄ جڏهن ضد جي زمين ۾
آهي نه اُن جي ڦل ۽ ولڪ کي به وکوڙي
آهي.
(دور کان ٻوڙهه جي رڙ جو آواز اچي
ماءُ:- (عجب مان) ٻاهر هيءَ ڪنهن جو ٻار روئي
آهي؟
رام:- ٻاڙي وارن جو ٻوڙ هوندو.
ماءُ:- ٻاڙي وارن جو ٻوڙ؟ .... نه، نه .... رام ....
جو آواز ڪڍي ٿي .... مونکي ڇگيءَ طرح ٻا
لڳي ٿي هوندي تون به بلڪل اهڙيءَ طرح
هئين .... اَڙي ٻولو .... او ٻولو.
ٻولو:- (دور کان) آيو مائي جي ....
ماءُ:- اَڙي ٻولو! ٻاهر نه ڏس ڪير روئي رهيو آ
ٻولو:- اڪيلي ڏسي آيو آهيان مائي جي .... ب
ٻوڙ ....

هڪ پيڙا - هڪ درد

- هري هِمٿاڻي

جنهن ڪمري ۾ مان رهندو هوس، اُن جي مٿين واري ڪمري ۾ ساوتري رهندي هئي. منهنجو ساڻس ڏاڍو سنيهه ٿي ويو هو. جنهن ڏينهن وٽس نه ويندو هوس ته مونکي ڄڻ بي آرامي ٿي ٿيندي هئي. سندس ٻارن ۾ منهنجو ساهه هوندو هو. ننڍڙي ٻلوءَ کي هيج ۾ کڻي کيس پيار ڪندو هوس ته منهنجي رڳ رڳ گويا ٺري ٿيندي هئي، ٿڪ ۽ غم دور ٿي ويندا هئا. مان اِهو محسوس ڪندو هوس ته ساوتريءَ جي ٻارن سان منهنجو ڪنهن جنم جو ناتو آهي. ساوتريءَ جو به مون ۾ پنهنجن ٻارن جيان ساهه هوندو هو. مان کيس ٻي امڙ ڪري سمجهندو هوس. هڪ دفعي ته مان الائي کڙي اُساهه وچان چئي ويٺو هوس، "جيئن اُون ٻلوءَ کي لولي ڏيئي ننڊ ڪرائين، تيئن مونکي به ڪراءِ" هن ٽهڪ ڏيئي ڳلي لاتو هو.

شروع ۾ منهنجي واقفيت سندس پتي شيوڪرام سان ٿي هئي. هُو رلٽي ملٽي سپاءِ وارو هو. واقفيت جو سلسلو گهرائپ ۾ بدلجي ويو هو. هيئنئر مان سندن گهر جو ڀاتي ٿي ويو هوس. جنهن ڏينهن مان سندن گهر ويندو هوس ته ڪنهن اڪر ٿي ٿيندو هو ته مان ٿڪ

هري همٿاڻي

هي هردلعزيز نوجوان اديب، موري لعل
جي همت ڳوٺ سنڌ ۾، ١٩٣٣ ۾ ڄائو هو
هن وقت دهلي جي اڪائونٽس آفيس
ملازم آهي. سندس ڪجهه ناول، ”اڀاڳڻ
”آشا“ ”ائڪسيڊنٽ“، ”سوني رات“
”آس نراس“، ”پروفيسر“ ۽ ”پيار روئي
ڏنو“ جي عنوانن سان شايع ٿي چڪا آهن
هڪ مزاحي ڪهاڻين جو مجموعو ”پنگ
رنگ“ عنوان سان. سندس ڪجهه ناٽ
بمبئي ۽ ڄمون ريڊيو تان پرسارت ٿي چڪ
آهن. ڪيترن ئي مختلف رسالن ۾ وقت
وقت سندس رچنائون ڇپجنديون رهنديو
آهن. هو رلڻي ملڻي سڀاءَ جو آهي ۽ سنڌي
ساهتيه سان خاص لڳاءُ ۽ لگن اٿس

لڳو هو. سندي گهر لاءِ ته وري ڏيتي ليتي ۾ سندي ڏٺي ٿي هئي ان خيال کان ته هوءَ خرچ مان ڪجهه نه ڪجهه بچائي رکندي ٿي وئي. انهن نه ڪنهن سان به جهڳڙو هو ۽ نه ڪا به شڪايت هئس پر تڏهن به سوچيندي هئي ته صرف ڪرڻ سٺو آهي، وقت بچي ڪونه ٿو اچي. جيڪو ماڻهو وسندي لاءِ ٿو بچائي سو آخر دوکو ئي ٿو کائي.

ڪڏهن اتفاق سان شموڪرام سنيما لاءِ هلڻ لاءِ چوندو هوس ته ڪنهن چوندي هئي، "اجايو هاڻي پئسا خرچ ڪريو ٿا؟" تڏهن شموڪرام چرچي ۾ چوندو هوس، "تنهنجا ماءُ پيءُ ته ايڏا ڪنجوس ڪونه آهن، تون ڪنهن تي وئي آهين؟" ۽ هوءَ کيس سنيما لاءِ وٺي ويندو هو. انهيءَ جو هڪ ٻئي سان ايڏو نه پيار هو جو ڪا به ڳالهه هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان ڪونه ڪندا هوا. خوش ۽ خوش ڳالهه لاءِ به هڪ ٻئي کان پڇندا هوا. ساوتريءَ جي اهڙيءَ خوشحال زندگيءَ کي شايد ڪنهن ڏوري جي نظر لڳي وئي. شموڪرام جيڪو آفيس مان نڪرندي سڌو گهر ايندو هو سو رام لعل جي سنگ ۾ شراب جي ڪتي لئي وڃڻ لڳو هو. گهر به هوءَ رات جو ٽام ڏهين سان موٽندو هو. ساوتري سندس انتظار ۾ ڏريءَ کان اکيون کولي ويٺي هوندي هئي. ٻهرئين ڏينهن جڏهن هوءَ ٽام ڏهين سان آئي ۾ جهومندو موٽيو هو تڏهن ساوتري ڏاڍو گهبرائجي وئي هئي. هوءَ ايڏو

نه آهيان نه؟

شيوڪرام نئي - ٻه ٻيو - ٻڍي ڪاٽي ۽ ملازم هو
جي ليکن ٻولن ۾ ڪوهن ڪوٺڻ جو ڪم هلندو هو
طرداري ڪرڻ لاءِ اوڏانهن وڃڻو پوندو هو. سڄ
منجهانئس ڏاڍو خوش هو. ڪنهن کي به ست
ڪونه هو. سندس خيال پڪتا هئا.

شيوڪرام ٻاهرئين دنيا سان اڻڄاڻ ۽ ٻڌل ڪ
جيترو پنهنجي گهر جي دنيا سان. آفيس مان هو
گهر ايندو هو پوءِ هو ٻارن ۾ پورو هوندو هو
گهوڙو ٿيندو هو ۽ ٻار سندس پٺيءَ تي سوار
ويندا هئا. پس ان طرح ٻارن کي وندرائي وٺندو
هو. هو ستي لولي روئي نه ڪري جاڳندو هو.
زال کي چوندو هو، ”تون آرام ڪر اڄ مان تو
ڪريان.“

ساوتري پنهنجي گرهستي جيون ۾ ڏاڍو خوش
زال ۽ مڙس اٿي صرفي سان هلندا هئا. شيوڪرا
ٻهرئيندو هو. بزار ۾ اهي ڪاٺڻ نه کپس ايندو تي
هو. ڪجهه نه وٺندو هو نه گهر ڪڍي ايندو هو ۽
ٻارن سان گڏ ويهي کائيندو هو. ساوتري کي
جي ڪائي عادت ڪانه هئي. خرچ لاءِ جيڪي
هوس ان مان بچائي رکندي هئي. سندن ٻهرئين
ڏيءُ موهنا اٺ ٻارهن سالن جي مس
هيمٿر ڪان ٿي ساوتريءَ کي هن جي شاديءَ ج

ماڻهو ڇڏيو؟"

شيوڪرام ڪلندي چيو، "اهڙيءَ حالت ۾ مان ڪيئن گهر آيو هوندس! مونکي نه وشواس ٿي ٿئو اچي. گهڻو پيتم به نه ڪونه."

"گهڻو پيتو يا ٿورو. پر اوهان پيتو ڇو؟" ساوتريءَ هٺي مان چيو.

"آفيسر کي ڪيئن ناراض ڪريان؟"

انهيءَ جواب تي ساوتري هڪاري ڪاپي ويٺي مونڊالهن نهاري چيائين، "ڏسين ٿو ماڻهن جا افعال؟ چوي ٿو آفيسر کي ڪيئن ناراض ڪريان؟ گهر جي ٻلي لڪاهي اچي وڃي ٻر هيءَ آفيسر کي ناراض ڪري سگهندو."

؟ ٻوءِ شيوڪرام ڏانهن نهاريندي آخرين التجا ڏيندي ڪيس چيائين، "اڄ مان ٻڌائي ٿي ڇڏيانءِ، هن ڪالهوءِ جهڙڪن اوهان ٿورو به پي آيا آهيو ته مان پنهنجو الڳ آڳي ڇڏيندس."

انهيءَ دڙڪي تي شيوڪرام ڊڄي چيو، "مان پنهنجا ڪن ٿو پڪڙيان. مان اصل ڪونه پيئندس. تون هروڀرو ناراض ڇو ٿي ٿيين؟"

"ناراض ٿي ٿيان. اوهان پنهنجو صفا اندر جلائي ڇڏيو آهي. اوهانکي ڇا آهي؟" ساوتريءَ جي اکين مان جهر جهر آنسون وهي آيا.

شيوڪرام، ساوتريءَ جي ڳلن تان وهندڙ آنسون اگهي، ڪيس پيار ڏيئي پرچائيندي چيو، "جهڙو تسم

نہ ئي آيو ھو جو ساوتري اڪيلي سر نہ ڪيس سنڀا
ھُئي سگھي. ھن موٽڪي سڌ ڪئو ھو. شيوڪرام
اُن حالت ۾ ڏسي ٿان واڪڙو ٿي ويو ھوس.
ساوتريءَ کي دلداري ڏيندي چيو، "ھيئر ڪجھ
چئينس. ھوُ پنھنجي ھوش ۾ ڪونھي اجايو گھٽ
ڳالھائيندو. ڪيس روٽيءَ لاءِ بہ زور نہ ڀريو. ڀلي
سمھي پوي."

ساوتريءَ کي رڳو اھو ٿي ڊپ ھو تہ جيھ
ڏينھن ڪاٿين شراب چکيو ٿي ناھي سو ڪيئن اڄ و ش
پي آيو آھي!؟

مون ڪيس چيو، "ڏاڍي ڀولي ڀالي آھين.
جي سنگ ۾ پيتو ھوندائين؟ نہ پيندو تہ ٿورو بہ
نہ ھوش وڃائي ويھندو. صبح جو پڇنداسونس.
ڪي ٻيا ويچار نہ ڪري تون آرام ڪر." ساوتري
آٿت ڏيئي ٿان ھلي ويو ھوس.

ٻئي ڏينھن شيوڪرام ٻڌايو تہ سندس نئون
بدلي ٿي آيو آھي. ھوُ ڪيس پنھنجي گھر وٺي و
آلي ڪيس شراب پياريائين. شيوڪرام نہ انڪار ڪ
آفيسر جي تمام زور ڀرڻ تي لاچار ڪيس پيئڻو پيو.

شيوڪرام جھڙي حالت ۾ رات جو گھر موٽيو
جو ڏک ساوتري جي دل مان اڃا ويو ڪونہ
اُن ڏک ڳاڙ غصي وچان ھن چيو، "رات جي
روئداد ٻڌي وارا ڏسن ھا تہ ڇا چون ھا؟ اھو

رکندي هئي ۽ شيوڪرام جو سڄو پگهر بجاءِ وڏي
ڪلور ٿڃي ويندو هو، ڏور ئي کهڪاءُ ڪري ايندو
هوس. هوءَ ڪالنس پارن جي آئينده جي هڪ گهراڻي
هئي ۽ شيوڪرام وڏا نهڪ ڏيئي ڪلندو هو. پهرين
ٽارائڻ پگهار ڪٽي هوءَ شراب جي گهٽي ۾ پهچندو هو،
اُتي اوڌر جو سڄو حساب ڪتاب چُڪتو ڪري، ڇڪو
چاڙهي پوءِ گهر ايندو هو. باقي پنجن پيسا ساوتريءَ
کي ڏيندي چوندو هوس، "ها ڪڻ پيسا."

اهو ئي وقت هو جڏهن هوءَ ساوتريءَ کي پورا پنج
سؤ روپيا اچي هٿ ۾ ڏيندو هو ۽ ساوتري اُنهن مان
سؤ، سوا سؤ جي بچت ڪري پاسيرا رکندي ويندي
هئي ۽ هيٺر ساوتريءَ کي هٿ ۾ صرف سؤ، سوا سؤ اِي
ملندا هئا. سندس سر چڪرائجي ويندو هو، گويا سرائجي
ويندي هئي.

اِتري پئسي ۾ اڄڪلهه مان ٻارن وٽس ٽي ڇوڪريون
۽ هڪ لڪڙي وهي پئي هئي جنهن تي به شيوڪرام
جي نظر اٽڪندي رهندي هئي. جيتالن ۾ اُن ٿي وٺي
هئي. اکين هيٺان ڪارا لهان پئجي ويا هئس. گهر ۾ هولتن
اَٽو اناج ميسر هوندو هو پر هيٺر هوءَ مولا کي چار آنه
ڏيئي چوندي هئي، "چاڙر وٺي اچ." ڪڏهن پاڄي
ڪندي هئي، ڪڏهن ڪونه ڪندي هئي. ڪڏهن
سوڙ سان ڦلڪو پچائي، ڏهي ڪهڙي ٻارن کي
ٻاراليندي هئي. سندس ٻار اُپاءِ ٿيڻي هلندا هئا

ڏين نه مان ڪٿان. هن ڪان پوءِ اصل، اصل
پيئندس. تون مهرباني ڪري دک نه ڪر، ڏاهي ٿي
شيوڪرام جو انچارج آفيسر راملعل شراب جو
هو. جنهن ۾ هو بدلي ٿي ويندو هو ته اتي هو
سگهي سنتاپ کي پنهنجو سالي پٽائڻ جي ڪوشش
هو. ڪاٿس اڌارا پئسا وٺندو هو ۽ ساڳئي وقت
شراب جي عادت وجهندو هو. پنهنجي گهر جيان
نه گهر برباد ڪندو هو. راملعل جي نظر شيوڪرام
پيئي. هڪ ڏينهن راملعل شيوڪرام کي سڏي
"شيوڪرام پئسن جي ضرورت آهي، مونکي
ڪندين؟ مان توکي پهرين تاريخ واپس ڏيندس."
شيوڪرام کان اڌارا پئسا وٺي راملعل هن ۾ ش
پيئڻ جي عادت وڌي. شيوڪرام ساوتريءَ جي
شراب نه پيئڻ جو قسم نه کنيو هو پر راملعل سندس س
قسم ٽوڙي ڇڏيا. شراب جي نشي ۾ شيوڪرام ٻ
لڳندو هو، "مان مرد آهيان، زال جو محڪوم
آهيان، غلام ڪونه آهيان. ڪمايان مان ٿو، هوءَ
ليندي آهي روڪڻ واري؟"
راملعل مجهس هوا ڀري؛ گهر جي ڏاڪڻ وٽ
هلندو ويندو هو ۽ شيوڪرام اٿندو ڪرندو نيم بيهو
حالت ۾ ڪٿان ٿي اچي کٽ تي ڪرندو هو.
ساوتري ڪجهه چوندي هئي ته سندس ڳل تي
آگريون جهي ويندڙون هيون. هوءَ اوڇڪارون

هن سوچيو، ٻارن کي ٻيو ڪجهه ڪرڻو ڪونهي، ٻيو ڪاڏو ڪونهي، سڀني انگل آرن کان هوءِ لاچار آهي ان حالت ۾ ٻه ٻلا هوءِ ڪيترو وقت زنده رهي سگهندي؟ هن شالا ۾ وڃڻ شروع ڪيو. مولا اسڪول مان موٽندي هئي ته ٻارن جي سنڀال جو ڪم ٿس سونپي هوءِ شالا ۾ ويندي هئي. شام ڌاري اچي ڪرڻو سهندي هئي. اُتان موٽي گهر جي ڪم ڪار کي اچي لڳندي هئي. ڪنهن سک جي ساهه کڻڻ جي فرصت ڪونه هئي. ٻارهو ٿي ٻارهو - ٻارهو اٺ ٻارهو. سندس اکين هيٺان ڪارا لڪان وڏا ڪهرا پئجي ويا هئا. اهڙي ڏک هوندي به هوءِ ڪنهن کي ٻڪا ٻوڙ ڪانه ڏيندي هئي. ٻر ٻين کي ڪهڙي خبر ته سندس هرڪ ۾ ڪيڏو درد ۽ سهڻي ۾ ڪيڏو سوز لڪل آهي؟

جنن ٻولن ۾ مهمجو وشواس ڪونه آهي. ٻڌو اڻم لـ روح ٻلاڪندا آهن. اهن ۾ وڏي شڪتي ٿيندي آهي. ساڳي ڪم ٻرمعيئي لـ سگهندو آهي. ٻها هڪ حقيقت آهي يا من جو ڀرم؟ ڪنهن به چئي نٿو سگهجي. هڪ ڏينهن مولڪي ساوتري چيو، "رات جو مون هڪ اجنبي شخص کي ڏٺو آهي. اڌ رات جو هن مولڪي ليٽ مان اچي جاڳايو. مون ڏٺو ته هن کي ڏاڙهي رنگ جو گهو ڪومت ٻالل هو، مٿي تي ٽوپلو ۽ ٻانهن ۾ لڪڻ ڪي رهيو هوس. هوءِ مون ڏانهن اهاري مڪڪي رهيو هو. مان ڊڄي ويس ۽ هڪدم سوڙ سان منهن ڍڪي

لڏهن ساوليءَ جي اندر ۾ وڏو ٻولندا هئا.
ٻڌندي ڳڻندي رهندي هئي. هميشه هوءَ
اُبالي ٻڌجي ويئي هئي. ڪنهن سان درد او
ڪنهن سان سور سلي؟ هميشه اهو شيوڪرام ڪو
هو جيڪو ساوليءَ جي هر حڪم کي اکين تي
هلندو هو ۽ ڪيس پيار جي جهوليءَ ۾ جهلائيندو
هميشه نه اهي ٽهڪ رهيا هئا، نه اهي جهولا، نه
امنگ هئا، نه اها مستي هئي. نئي نئي ئي ج
ساوليءَ من جي رانيءَ سڏبي هئي سا هميشه چنبڙ
ٻهاڙي سڏجڻ لڳي هئي. شيوڪرام جو بس ساول
جي سرهو سان لئي واسطو وڃي پيو هو. شراب جي
۾ حيوان ٿي ويندو هو. ساوليءَ جڳري هوندي
مثل سمان هئي.

ٻيهجي لاڏلي ڌيءَ مولا جي آمد لاءِ ڪم
نه ڪلهيانئون ڪمرون هنائين ئي هميشه اها حالت هئي
ڪيس وڏيڪ ٻاڙهڻ لاءِ ونس ٿيءَ جا ٻيا ڪولـ
ساوليءَ سوچيو، "هيءَ ڪهڙو جڳ آهي؟ لن
مري وڃجي. موت جي ويچار ڪيس ڌڪالي ج
سندس ٻارن کي ٻوءِ ڪير سنڀاليندو؟ ڪين ڪير
لاءِ ڏيندو؟ ڪير سندن آسون اگهندو ۽ ڪير ڪير
ڏيئي پرچائيندو؟ هوءَ لڙڪا ٻڌجي ويندا، د
بکاري ٻڌجي ويندا. هوءَ ڪلهيا ۾ ٻارن جو اهڙو
ڏسي ڪنهي ويئي.

محلي جي هڪ ٻڍڙيءَ رڙ ڪري شيوڪرام کي چيو، " اڙي ڏسين ڇا ٿو؟ ڊڪ پائي ڊاڪٽر کي سڏي اچ. هيءَ ته صفا ٿڌي ٿي وئي."

شيوڪرام ڊاڪٽر کي سڏي آيو. هن ساوتريءَ کي تپاسيندي چيو، "هينئر جو هينئر وڏي اسپتال کڻائي وڃو. شايد پار (الڊر) مري ويو آهي. زهر چڙهڻ جو خطرو آهي. دير اصل نه ڪريو."

شيوڪرام جون مٺون ماٺجي ويون هيون. وٽس علاج لاءِ پئسو به ڪين هو. پاڙي جي هڪ مائيءَ کيس سؤ روپيه ڪڍي ڏنا. چيائينس، " ساوتريءَ کان وڌيڪ ڪو پئسا آهن؟ پيا به جيڪي کپني ته وٺي وڃانءِ. پر ساوتريءَ جي علاج ۾ ڍل پوڻ نه ڏجانءِ."

ساوتري ٻرپال مهڻ سان هئي. کيس آرام ڪرڻ ڪميدو هو. پر سندس نصيب ۾ آرام لکيل ڪونه هو. ته وٽا پاڻي ڪاڻڻ لاءِ پئسو ڪونه هو نه سهو ڪنهن ؟ فرصت ڪڍان اچي؟ ڊاڪٽر جي صلاح سان وٺائين جون دوائون ڻيون هيون پر سندس نصيب ۾ آئيو ڦلڪو لکيل هو. ڏي ڊاڪٽر پاڻيءَ ساوتريءَ کي تپاسيندي شيوڪرام ڻان ڏمرجي چيو، " اوهان ايڏو بي پرواهه رهيا آهيو؟ ن جي سرڪار ۾ خون لسي ڪرڻي. اوهانکي ڪپي، پيهن اڳ هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ گهربو هو. ر الڊر مري چڪو آهي. اوهانجي غلطيءَ ڪري هن ي به حياتي خطري ۾ پئجي وئي آهي."

چڙيم. سوچڻ لڳس هي شخص ڪير آهي؟ ڪٿان
۽ ڪيئن آيو؟ جڏهن ته مان اندران دروازو بند ڪ
سمهي آهيان. خوف وچان رڙ به ڪري نه سگهي
صبح جو اٿيس ته ڏٺم دروازو اندران بند هو." ا
ڪجهه ٻڌائيندي ساوتريءَ چيو، "مون سمجهندي
شايد مون خواب ڏٺو آهي ۽ مان وسواس سان ٿي
ته مون خواب ڪونه ڏٺو آهي. سندس شڪل ا
منهنجي اکين اڳيان ڦري رهي آهي. ٻاڙهو ڏکيو ڪو
هٿ ۾ اڪڻ ۽ مٿي تي ٽوپلو. هن مونکي سڏ ڪ
جاڳايو هو."

مون ڏٺو ته ساوتري سچي ٻڌي ٿي وڃي ه
کيس آٿت ڏيندي چيم، "اهو سڀ اکين جو دوک
من جو ڀرم آهي ساوتري. ڪڏهن ڪڏهن سوچ
ڪندي ننڊ اچي ويندي آهي ته اهي ئي ويچار س
جو روپ ڌارڻ ڪري اچن ٿا. لڳندو ائين آه
اهو سڀ ڪجهه جاڳندي ڏسجي رهيو آهي."

ساوتريءَ اُن ڳالهه کي ڀلائي ڇڏيو هو. ڀلائي ته
هئائين يا نه؟ پر وري اهيءَ ڳالهه جو هن ذڪر
ڪيو هو. شايد ڪجهه ٿي ڏينهن بعد ڏاڪڻ چڙه
کيس پالوائي اچي وئي ۽ پاڙيءَ جي ڀرسان ڏول
ڪل ٽڙ ٽڙ ڪري هيٺ وڃي ڪري هئي. اُن
شوڪرام گهر ۾ ويٺو هو. سڄي محلي ۾ گويا هل
ويو ته ساوتري بيهوش ٿي وئي، ساوتري ڪري

هڪ ڀيري ۾ اچي ڪوڙي سان ٻڌڪيو رکيو هو. اُن
کي ڪٺي اسان ٻنهي واري قبرستان ۾ دفن ڪري موٽي
آيا هئاسين. ٻار جيڪو دنيا ۾ نه آيو ۽ دنيا ڏسي ڪونه
سگهيو. بدبخت ٻار!

ساوتريءَ جي ماڻهن ڏانهن تار ڪٽي وئي. ٻئي ڏينهن
صبح جو سندس ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ جيئرو مان اچي ويا.
علاج لاءِ هوءَ ٻار سان ڪافي ڀيرو ڪٺي آيا هوا. دوائن
ٻنهي ٻارڙيءَ واسطو ڀيرو هارجي رهيو هو. ساوتريءَ جي
ماءُ ۽ ٻارڙي جي هڪ مائي ساوتريءَ جي سار سنڀال لاءِ
وٽس هڪڙيون اڪيون رهنديون هيون. مان ۽ شيوڪرام
اسپتال جي ٻاهرين ايوان ۾ وڻ هيٺان ويٺا هوندا هئاسين
۽ رات جو ٻاهرين زمين تي چادر وڇائي سمهندا هئاسين.
اڪثر ۾ ننڊ ڪونه هوندي هئي. شيوڪرام اڄ اڄ رات
ڳالهيون ڳالهائيندو رهندو هو. سندس لفظ لفظ ۾ پڇتاءُ
هو، ارمان هو، دک هو. ٻڌڻ مان دل ۾ چوندو
هوس، ”شيوڪرام جيترو هينئر پڇتائين ٿو ۽ ڏک ٿو
ڪرين اوترو جيڪڏهن اڳ ٻار کي سنڀالين ها ته ساوتريءَ
جي اهڙي حالت ڪونه ٿئي ها. ٻو هينئر ڇا ٿي
سگهيو؟

ساوتري موت سان ڇڪري کائي رهي هئي. سندس
ٻوڇ ۽ سهڪي ۾ ذرو به فرق ڪونه پيو هو. دوائن
ڪو اثر ڪونه ٿي ڏيکاريو. ڪلهو ٻيو اڳيندو هو.
ساوتري ٻاڏڪ لاءِ سڏي سمهي پئي هوندي هئي،

شموڪرام موهڪي فون تي ساوتريءَ جي حالت
واقف ڪيو ۽ چيائين، " تون جلد ئي جلد اسپتال
وڃ." مان اسپتال پهتس ته اُن وقت شموڪرام ۽
جا ڪي ماڻهو اسپتال جي ٻاهرئين پڊ ۾ وڻ هيٺان
هئا. موهڪي ڏسندي ئي شموڪرام جي دل ڀرجي
۽ هن روئي ڏنو. دل مهنجي به ڀرجي آئي هئي
دل کي ڏاڍو ڪندي کيس چيم، " دل نه هار. ا
کي ياد ڪر. هُو ضرور رکپال ٿيندو."

ساوتري آپريشن روم ۾ هئي. ڪافي دير بعد
خبر ملي ته ٻار جو نيڪال ٿي ويو آهي.

اسپتال جي نيمن موجب مريض سان ملڻ واري
اسان اندر وياسين. ساوتريءَ کي ڏٺوسين. هن جي
وڃي ڳالهائڻ جي اجازت ڪانه هئي. دروازي
ٻاهران ئي هن کي ڏسي ٿي سگهياسين. هوءَ اڪ
سڏڪي رهي هئي جو سڏڪي جو آواز دروازي
ٻاهر ٻڌي پئي ٿي ڪنهن پڊ ۾ اچي رهيو هو. سڏ
وچان ٿي ڪلها زور سان لڏي رهيا هئس. سـ
بدن سڄو ڪارو ٿي ويو هو. انهيءَ حالت ۾ مان
ڏسڻ جي به همت ساري نه سگهيس، يڪدم پاسيرو
پٺ کي ٽيڪ ڏئي بيهي رهيس. اُتي هڪ نرس
چيو، " اوهانجو مئل ٻار ٽئين نمبر ڪمري ۾
هيٺان رکيو آهي، اُن کي کڻي وڃو."

شموڪرام ۽ مان اُن ڪمري ۾ وياسين. پلنگ

ڪيڏانهن وڃي رهي هئينءَ پٽ؟“
”اما هو مونکي سڏڻ آيو هو. دروازي وٽ بيهي
مونکي اشاري سان سڏي چيائين، ”اڄ مون لاءِ
ٻيڙي آندي آهي.“ مون ڏٺو ته ٻه ڄڻا ٻيڙي ٺاهي
هئي. جيئن مان اُتان لنگهيس هن وري چيو،
”جلدي ڪر.“ مان سڌس پٺيان پٺيان وڃي رهي
هئس ته پوءِ اوهان مونکي ڇو اچي روڪيو؟ ماءُ ڪيس
ڪراڙي ٻالي چيو، ”پٽ هيءَ اسانجي وڃڻ جي مهل
ڪونه آهي. وري جي سڏ اچيئي ته موٽائي ڇڏجانءِ.
هاڻي ان ڳالهه ۾ ڪجهه نه سوچ“ ساولڙيءَ جو ڌيان
ٻئي پاسي لڳائڻ جي خيال کان هن چيو، ”پٽ اڄ
اسانجو وڏو ڏاڏو ته آيو هو. ڏٺو هوءِ نه اُن کي؟ هن تو
لاءِ ڪاڻن جون سٺيون ساڙهيون آنديون آهن. تو چيو
هوس ته مونکي ڪاڻن جي ساڙهي وٺي ڏيو. هن تو لاءِ
چار ساڙهيون آنديون آهن. پائيندينءَ نه اهي؟“
ساولڙيءَ جي اکين مان جهر جهر آنسون وهڻ لڳا.
ساولڙيءَ جي ماءُ دل تي پٿر رکي، رکي جي پاڻ سان
لڳائي ڪي اکيون رهي هئي؟ هوڏانهن رات وهامي رهي
هئي.
ٻئي ڏينهن صبح هلڻ واريءَ ڳالهه سڀني کي ٻڌايس ۽
جهڙي چيو هو جهن ته اها ڳالهه ٻڌي ته ئي لڇ ڏڪڻ
ڪرڻ لڳي ٿي ويس.
اُنهن لئي ڏينهن ۾ وري هڪ ٻي عورت ڇوڪري

پاسو ورائي ڪونہ سگهندي هئي. پيٽ ۾ ڪاڏو پ
وجهي ڪونہ سگهندو هو. گلوڪوس جا شيشا چڙهيا
هوندا هوا. وڏي ڊاڪٽر پاڻي جواب ڏئي بيٺي
تہ جيئڻ مشڪل آهي.

اُن رات ساوتريءَ جي ماءُ ۽ ڀيڻ ماليءَ کي
اچي ويٺي هئي. ٻاهر ورانڊي ۾ رات جي ٻ ٻو
واري نرس اسٽول تي ويٺي سوئيٽر اُڻي رهي
تہ اچانڪ سندس نظر ڇرندڙ پاڇولي تي پئي، جي
پاڇولو ورانڊي مان سندس پرسان ٿيندو ٻاهرئين ا
طرف وڌي وڃي رهيو هو. اهو پاڇولو ساوتريءَ
هو. هوءَ چلائي اٿي، ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ سند
چلائڻ تي ٻيون نرسون ڊوڙي آيون. ساوتريءَ
وجهي پاڻهن ڪان جهليائون. بس سندن ڇهاءُ تي ساو
جي سر مان شڪتي وڃي رهي ۽ هوءَ اُٿي ٻ
ٿي ڪري پيئي. اتي ساوتريءَ جي ماءُ ۽ ڀي
جاڳي اٿيون. سڀني کي اهوئي ڊپ تہ جهڪي
ورڻ جي همت ڪونهي، پاڻهن ٻيا اندگ چورڻ
سگهہ ڪانهي. اُن ۾ پلنگ تان لهي هلڻ جي شڪ
ڪٿان آئي؟ پنجن ڇهن ڄڻن گڏجي ڪٺي هن کي
تي اچي سنڀاليو. ساوتريءَ پنهنجيءَ ماءُ کي
"اما مان وڃي رهي هئس تہ پوءِ اوهان مونکي
اچي روڪيو؟"

ماءُ ساوتريءَ کي ڳراٽڙي پائيندي پڇيو، "

سڀئي ٻڌي آهن هن ٻاسي تون ڪٿان اچي ويٺينءَ؟
ڪوڙ نه ڳالهاءِ، ٻڌ سچ سچ ٻڌاءِ."

ساوتريءَ چيو، "ها امان مان اٿي هئس. هيءَ جيڪا تارس ٻرندي آهي نه؟ اها چوڌرس الڻي. ٻرنديءَ جي شيشي مان ٻرندي ٿي وڃندي آهي. اڄ ڏٺم ته منهنجي ريشم جون تندون ٻڙي مان ڪڍي ڪٽي ويٺي، سو مون اهي تندون ڪٽي وهاڻي هيٺان لڪائي رکيون آهن. امان تون اهو ٻرنديءَ جو شيشو نه ڪٽي لڪائي رک."

ساوتريءَ جي ماءُ وهاڻي هيٺان ڏٺو ته تندن جو ٻڙو پيو هو.

ساوتري چوڻ لڳي، "امان منهنجو ريشم تندون نه ڪاٽي ٻاڪي هوءَ تندون ڪاڻي وڃي؟ منهنجو سڪلٽو ريشم، ڪوڙ تندون ڪارايائس." ساوتريءَ جي ماءُ ڏٺو نه وري اهي ڳالهيون سوچي سندس هنرن ٻرجي ايندو سو ڪمس وچڙ ٿي ڪنهندي ٻڇيائين، "ٻڌ تون ٻرنديءَ نه ٿي وڃندي آهي؟"

"ها امان".

"چڱو مان هاڻي ٻرندي ٻتيءَ لڪائي ٿي رکان. چڱو هاڻي تون اکيون ٻوٽي سمهي پئو. وڌيڪ نه سوچ."

موت ۽ زندگيءَ جي چڪريءَ کي ٻرابر ڏهه ڏينهن کن گذري ويا هئا. انسان جنهن اميد جي آڌاري لي لڳندو آهي اس سڀني کي اهائي اميد هٿي له من

ڳالهه تي گذري. شيوڪرام اوهل سويل لاءِ پرڻبيءَ جو
شيشو وٺي آڻي رکيو هو. اها پرڻبي ساوتريءَ جي
ڪم نه ڪئي، اچي رهي هئي پر اُن پرڻبيءَ مان،
رات جي ڏيئيءَ واري نرس اڪچوريءَ ٻڪ ڀري
وري اُن ۾ اولڙو پاڻي ڀري هلي ويندي هئي اُن جي
پٺي ڪنهن کي خبر ڪانه پوندي هئي. اُن ساوي ۾
ڏوالون، انجيڪشن جون شيشيون ۽ ٻيو سامان پيو هوندو
هو. هوءَ ساوتريءَ کي انجيڪشن هڻڻ لاءِ ايندي هئي
۽ ساڳئي وقت پرڻبيءَ جو ٻڪ ڀري هلي ويندي
هئي. اٽڪو ئي نه پر شيوڪرام پنهنجي پارن لاءِ ٽانڪون
۽ ٻسڪيٽ وٺي اچي رکيا هئا. اسپتال ۾ جڏهن هوءَ
ماءُ سان ملڻ ايندا هئا ته ڪڏهن ڪهن ٽانڪون ۽ ٻسڪيٽ
ڏيئي خوش رکيو ويندو هو. اها نرس ايندي ويندي
ٽانڪون کڻي هلي ويندي هئي. ساوتري اهو سڀ ڪجهه
ڏسندي رهندي هئي. پر سندس زبان ڪانه ڪري
سگهندي هئي. اُن رات هوءَ چپ چاپ پلنگ تان اٿي
جاري ٽانڊن آلي ۽ ٽانڊن جو ٽڪرو کڻي وهاڻي هيٺان
رکي هوءَ واپس پلنگ تي ليٽي پئي. جڏهن ماءُ سڄاڳ
ٿي ته ڏٺائين ساوتري پلنگ جي پيرانديءَ کان سمهي
پئي هئي. هن حيرانيءَ وچان پڇيو، ”ساوتري تون
وري ته اٿي هئينءَ ڇا؟“

ساوتريءَ ڪوڙ ڳالهائيندي چيو، ”نه امان“

”نه وري ڪيئن؟ تون پيرن واري پاسي ڪان

ڏولڏاڙ ٿيو. ڪجهه ڏينهن بعد هن جي اکين ۾ وري چمڪ آئي.
هن ماءُ کي چيو، ”اما هوءَ واپس هليا ويا. پيٽ جي هن
ٻار هو اڳن کي اڏائيندا هليا ويا.“

”ها ٻيٽ هوءَ واپس هليا ويندا. تون هنن سان
ڪڏهن ۾ نه وڃجانءِ. جڏهن به ونڊ اچن ته چنجهانئن
منهنجو رهڻ اڃا ننڍو آهي جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن
مان اوهان سان گڏ هلندس.“

ڪير ڄاڻي ته اهي ڪير هئا؟ هرڪو ائين چوندو
هو ته اهي جمدوت هئا. ساوريءَ جي آتما کي ڪڍڻ
لاءِ ايندا هئا پر پوءِ واپس موٽي ويندا هئا. موت ۽
زندگي جي انهيءَ ڪشمڪش ۾ ڪنهنجي جيت ٿيندي؟
ان ڳالهه جو پتو پئجي نه ڪنهن کي سگهيو؟

آخر موت ٻلوان ٿيو ۽ زندگيءَ کي ڪنهن ڪٽي ويو.
شام جو وري جمدوت آيا ۽ هن دفعي هو ساوريءَ
جون اکيون ٻوٽي هليا ويا.

مان آفيس مان سڌو اسپتال ايندو هوس. اسپتال
جي ٻاهرين پڌر ۾ ٻنهجن مان ڪنهن کي به نه ڏسي
منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. اندر کي آواز ٻڌ
نه سگهجانءِ. لوهي ڦاٽڪ وٽ ٻنهي ڏٺم ته سامهون
واري ڪمري جو دروازو بند هو. ورانڊي ۾ ساوريءَ
جي ماءُ ٻاهي ڪم نظر ڪري آئي، اڃي موت جهڙي
گهري شانت ڇانيل هئي. چوڪيدار کان پڇيم. هن چيو،
”ٻورو اڄ صبح گذاري ويئي. ڪفن گهر ڪڍائي ويا.“

ايشور ڪنھنجي ٻڌي. من ھوءَ ڪنھنجي صدمي ڇڙھي ٿي. ورنه سچي اکين سان ڏٺو ٿئي ته زندگي موت جي گهڙي ۾ جڪڙيل ھئي. مان نه ساوتريءَ کي ڏسڻ جي ھمت ڪري نه سگھندو ھوس نه ٻڌندو ھوس نه وچاري ڏاڍو ڪمزور ٿي وئي رھي آھي، ان ڪان لـ، سڪي وڃي لٿي.

ان ڏينھن منجهند جو ساوتريءَ وٽ وري آھي ساٿيا اچڻ آيا ھوا. ڪم ڇاٽي لـ، آھي ڪم ھوا؟ ساوتريءَ رڙ ڪري چيو، "اما ڏس ھوءُ وري آيا آھن." رڙ ٿي ساوتريءَ جي ماءُ ٻڪدم ٻـرسان اچي ٿي چيو، "ڪم آھن ٿت؟"

"اما ھوءُ ڏس نه، الن ٿي چڙھي آيا آھن. مولڪي سڏي رھيا آھن. مان وڃان ٿي اما ھنن سان گڏ وڃان ٿي."

ماءُ چيو، "نه ٿت لون ھنن کي موٽائي ڇڏ. ھنن سان گڏ نه وڃ. ھمن کي چئه نه منھنجا ٻار اڃا ننڍا آھن. ڪمن ٻيو ڪم نه سنڀالڻ وارو ڪونه آھي اُن ڪري ھيئنر مان اوھان سان گڏ ڪونـه ھلندس. لئين چولن ٿت چولن."

ساوتريءَ ھنن کي لئين چيو، لئين چوندي سندس اکيون ٻڪ ٽڪ چت ۾ ڪھي ولھون ۽ ھـوءَ قاتل اکين سان چت ڏانھن نھاريندي رھي. ساوتريءَ جي اھا حالت ڏسي ماءُ ڊچي ويئي ھن ساوتريءَ جي مٿي کي

ويس. مان اهوئي سوچي رهيو هوس ته ساوتري مري
وئي؟ اهو ڏک مون لاءِ ڪيڏو نه اسهڻو هو. مان
ڪجهه به چئي نه سگهان ته ڪهڙيءَ حالت ۾ مان ساوتريءَ
جي گهر پهتس؟ دروازي وٽ اچي بيٺس ۽ اتي بيٺو
ئي رهيس. سامهون ساوتريءَ جو لڏو سڄو چادر سان
ڍڪيل هو. هينئر هوءَ مون ڏانهن نهاري مرڪي سگهي
ڪونه ٿي سگهي، سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو هو. مون ۾
ٻڌڻ جي شڪتي ڪانه رهي هئي. مان اُلٽي چالين
لڳي ويهي رهيس ۽ اوچنگارون ڏيئي رُئڻ لڳس.
شموگرام اچي منهنجي پرسان اچي ويٺو ۽ مونکي ڏيارڻ
لڳو، ٻاڪر پائي پرچائڻ لڳو پر مان ٿلهي هيماءُ روئي
رهيو هوس، گويا اندر ڏکن جو سمنڊ ۽ ڏک آلس
جي ڌارا ٻوڪي ٻاهر نڪري رهيو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ساوتريءَ جي لاش سڙڻ کي
ڪٺي ڪاٺيءَ تي رکيو ويو ۽ ان کي آڳ ۾ جلائي رک
ڪري موٽي آياسين. ڪالهه تائين ساوتريءَ جو ڪو
وجود هو، ڪا ڳالهه هئي پر اڄ ڪجهه به ڪين هو.
پاڙهي ڏن پوءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو.
ساوتريءَ جي ماءُ ساوتريءَ جي ٻارن کي پاڻ سان وٺي
هلي وئي. ونجارو رهيس، نڌڻڪو رهيس، تنهن کي
ڪهڙي سڌ ته هيٺ ماءُ جي گود ڪيئن ڪڏهن به نصيب
نه ٿيندي.

ان بعد شموگرام به منهنجي بدلي ڪرائي ٻئي شهر

مون هڪ دفعو وري اُن ورانڊي ڏانهن نهاريو.
ورانڊي ۾ ساوڙيءَ جي ماءُ ويٺي هوندي هئي. اسان
کي ڏسڻ وقت ٻهلل ڏسي اچي اسان کي حال احوال
ٻڌائيندي هئي. پر هاڻي اُتي ڪير به ڪونه هو جو
وڏي اچي مون کي ڪجهه ٻڌائي. مون ڪمري جي اُن
دروازي ڏانهن نهاريو جيڪو هميشه کليل نظر ايندو هو
پر هاڻي بند پيو هو. هاڻي اُن اندر ساوڙيءَ جي ٽهڪن
جو آواز ڪونه ٿي ڳونجيو، اُن اندر هاڻي گهري شانت
هئي. پلنگ خالي پيو هو. هاڻي اُن ڪمري اندر
موت جو ڄڻ گويا ساهه گهٽجي رهيو هو. مان اُن دروازي
۽ ورانڊي ڏانهن وڌيڪ نهاري نه سگهيس ۽ پٺتي موٽيس.
سائيڪل هلندي به مان ٻنڌ وڃي رهيو هوس. اسپتال
جي آخرين حد واري ناليءَ تي ٺهيل پل تان لنگهندي
مون مڙي وري اسپتال ڏانهن نهاريو ۽ الائي ڇو منهنجا
پير اَزخود رڪجي ويا. منهنجي دل ۾ اهو خيال آيو
مان هت روز صبح شام، اڳهيءَ مانجهيءَ ايندو ويندو
هوس. منهنجو هن رستي ۽ اسپتال سان گويا ڪو لڳ
لڳاءُ هو پر هاڻي مان هت ڪونه ايندس. مونکان هتان
جو اچڻ وڃڻ ڪنهن کسي ورتو. هن رستي تان وري
مان ڪونه هلندس، هن پل تان وري مان ڪونه
لنگهندس. گويا سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو، سڀ ڪجهه
ختم ٿي ويو.
مون وري به اُتهيءَ ڦاٽڪ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ هليو

● مڇوُن

– ڊولڻ راهي

”سمجهه ۾ نٿو اچي ته لوهاڻن جوانن جي عقل کي ڇيو ڇا آهي؟ مان پڇان ٿو ته ايڏا سوڙها سوچ سماڄي ٻالڪ مان فائدو ڪهڙو جو ته سولائيءَ سان وڌي سگهو ۽ وڌو ته اڳاڻ لاءِ به ماڻهو ٻيا سيڙجن، جيڪي پاڻهن کان وڌي اڳاڻ پيا. سوچ به اصل اهڙي قدر سوڙها جو ڦاٽڻ ۾ وقت ۽ جاءِ به نامعلوم ته ڪڏهن ۽ ڪٿي ڏنا ڏئي، پوءِ وائڪي ڪري ڇڏين؟ خدا نه خواسته، اوچتو ڪٿي اُڏڻي پيا ڦاٽي پون ته پوءِ رومال ڏئي پيا ڇمڪس سوچ کان ٻاهر ڪڍي اچي گهر پهچڻا ٿيو. ڪجهه چوڻ ڪٿي ته ڪيڙي جي پڇڻ جا دليل ڏيو. خبر اها پئي ته ڊرڱن ڪٿي ڪجهي ٿو ڏسڻ ۾ نٿي دنيا مڇوُن ڪرڻ لڳو، جيئن مڇن جو نشان به نه رهي ته مڇوُن لوهاڻڪي آهن به ٻيا نه. چڱ وڏيرن کان ٿورن جمعن جو ويو وڌي رهيا هجو. ماڻهن، ٻاڦڻ سان به جهڪس اهڙي دشمني نه رکي، جهڙي اڄڪلهه نوجوان ٿي مڇن سان ٿا رکو. جهڙا شيءِ اهڙو خلقي آهي اُن ۾ اسان جو ٿي ڪولا ڪو فائدو هوندو. پيلا مڇن بدران بدن جو ٻيو ڪو عضوو نه ڪٽيو نه خبر ٿئي. وڏڙن

هليو ويو. مان سانئس ڪمري ۾ رهندو آهيان. منهنجي مٿان وارو ڪمرو جنهن ۾ ساولري رهندي هئي سو بند آهي. ڪڏهن ڪڏهن اُن ڪمري جون دريون کلنديون آهن ۽ ٿوري عرصي بعد وري بند ٿي وينديون آهن. جيڪي به مسواڙي اُن ڪمري ۾ اچي رهيا آهن، تن اهالي شڪايت پئي ڪئي ته ڪمرو ڀوتُرو آهي. پوءِ اهو سچ آهي يا ڪوڙ؟ پر هيٺر اُن ڪمري ۾ ڪير به ڪونه رهندو آهي. آفيس وڃڻ وقت منهنجي ڪمري کي تالو ڏيندي ڪڏهن اچانڪ منهنجون نظرون مٿي کڄي وينديون آهن ۽ پوءِ ڇرڪ ڀري ڏسندو آهيان ته ساولري ڪٿي آهي؟

آفيس وڃڻ وقت اڪثر ساولريءَ دريءَ کان مرڪي پڇندي هئي، "آفيس ٿو وڃين؟" ۽ جي نيڙو پلوءُ سندس هٿ ۾ هوندو هو، لهنڪي چوندي هئي، "ٽاٽا ڪريس"؛ هوءَ هٿ لوڏي ٽاٽا ڪندو هو؛ مان به کيس ٽاٽا ڪري هليو ويندو هوس.

هيٺر به وقتي منهنجي نظر مٿين ڪمري ڏانهن کڄي ويندي آهي؛ مان ڏسندو آهيان ساولري نيڙي پلوءَ کي هٿ ۾ کڻي دريءَ کان بيٺي آهي. مان نظرون جهڪائي ڇڏيندو آهيان. تڏهن منهنجي دل ۾ هڪ پيڙا اٿندي آهي، هڪ درد جاڳندو آهي ...

سالمن ۽ جون جهڙو 'دڪان اڳيان ڇاپرو' اچ ڪلھ جون
ٽيڙن ڇا پروپيگنڊيون انهن ٽين سان. هڪ ڏينهن
'سومو ٻولڪيو' اونده ۾ ڏاڏي جي ٽين کي نانگ
سمجهي ٻاڇ ٻالي ولي ڀڳو هئو. جڏهن ڏاڏو سالمن ٽيڙن
ونيندو هو تڏهن ڇا ته ٽرڪاٽ لڪندا هئا ٽين مان
جو ٻوور ۽ ڊپ وچان ڊڪڻ لڳندا هئا. بابو سالمن
ڳالھ ڪندو هو ته هڪ دفعي ته، ڏاڏي سالمن ۽ ٽين
جي ٻنهين لوڪن لئي لما ٻهاري ڳوناٺي جا والمير
ٻتال ڪري ڇڏيا هئا، اصل اکيون چرخ ٿي ويون
سمهي جون. ان وقت جي گوري ڪليڪٽر ڏاڏي سالمن ۽
کي انعام ڏيڻ لاءِ منعون ڪيون پر ڏاڏو سالمن انهه
لاپري واري ويو ڇي "خيرات ولي ٻاڻ لهانيندس
ڇا؟ مردانيون ٽيڙن آهن، ڪا چرچي جي ڳالھ آهي ڇا؟
هي ته ليما هئا پر لاونگيون ۽ هجن ها، ته ۽ ٽيڙن مور
ته مڙن ها." ڏاڏي سالمن ۽ جي ڳالھ ڇڏ، بابي سالمن ۽
جي ڏاڙهي ڪوڙ ٻنڌي لالي ۽ ولهاري جي ٻاڪي لفضا
سان بابي جي اُڏ مڇ لي وهي وئي، ٻوه خبر ڪئي ڇا
ليو؟ بابو سالمن ڏاڪا ٻڌي لالي ۽ لي چڙي ويو "ڇي با
اڏ مڇ ٻڌا ڪر يا ڳوٺ ڇڏ" ۽ ولهارو لالي ٻئي ڏينهن
لي ڳوٺ ڇڏي ويو. وٺ سالمن منهنجن ٽين کي. ايمان
کوڙ لو ڪمان ٻاڦي مرن، اَمرن، وڏيرن ۽ رلمن
جي ٽين ۽ ايترو اوج نه ماڻهو هولدو، جيترو منهنجن
ٽين ماڻهو آهي. مولڪي ته ٻنهنجن ٽين لي فخر آهي ڪي،

نماڻيون ٻڌون، نه ڪڇون نه پڇون. ۽ توهان بي رحم ٺڳي
ولو ڪين ڪوڙيندا. ٻڌن کي ڇڏيو ته ٻڌون ڪوڙائڻ
بعد ڪڏهن درسنيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏٺو الوءَ جي ها، نه
ڇا پائيندا آهيو پاڻ کي؟ ٻڌون نه مرد هئڻ جي نشاني
آهي، ٻڌن بنا مرد ئي ڪهڙو؟ اڙي، ڪاسائي به
اڪر کي وڏي ڪيڏ لي ڪهندا آهن پر توهان جوان نه
ڪاسائن کان به وڌيڪ آهيو جو جهٽ سان ئي وڍارين ٻڌن
کي ڪوڙي، اصل پاڙئون نڪو سار ڪري ڇڏيو. پراڻي
وقت ۾ وڏا وڏا رشي - مني جنم کان مرڻ تائين ڏاڙهيءَ
۽ ٻڌن سان ڇرالد نه ڪندا هئا، ڇو؟ ڇاڪاڻ ته مهان
پُرشن لاءِ ٻڌن جو هئڻ بلڪل ضروري سمجهيو ويندو
هو. راجپوتن ۽ مرهٽن کي ٻڌون هيون، تڏهن ته مغلن
لي نه چڙهيا ٿون.

”ٻه ڪاڪا! مغلن کي به ته ٻڌون هيون.“

آبا! چوندا ڪين آهن ته ”سر جو سهڪو پائي، پر
اڪ اڪ جو ڦمر“ ساڳيءَ ريت ٻڌون سهڪو رکائي پر
ٻچ ٻچ جو به ته ڦمر ٿيندو آهي نه. مغل پڻ ٻڌون
رکائيندا هئا پر ڪاڏي مغلن مرڪ جو ڪاڏي الله يار“
سو ڪاڏي ٻڌون مرهٽن جون ۽ راجپوتن جون ۽ ڪاڏي
مغلن جون. ڏاڙهي پرتاب جي هڪ ٻچ ئي مغلن کي ٿوڻا
چبائي ڇڏيا هئا. ٿيندي بهاول خان پوپٽزيءَ ۾ منهنجو
ڏاڏو ڏولگومل هوندو هو. گهوٽ وارا ڪمس چوندا ئي
”ڏاڏو ٻڌن“ وارو هئا. ڇا نه شاهاڻيون ٻڌون هيون ڏاڏي

مڇن پنجرڪ جو نمبر ائين وراڻيو ويو، جيئن موڙيءَ کي
ڍوت جو ۽ ڄي چپ رهڻي ۽ دل ۾ ٻيو ليکڻي ۽ ٻين
ونڊن کي ۽ مڇن پنجرڪ جو خطرو نه سدائين آهي. مون
کان سچ پڇو ته مڇون ڏني، قدرت، مردن سان وڏي
بي انصافي ڪئي آهي. ڀلا زالون مڇن کان آجون ڇو؟
هر ڳالهه ۾ 'ليڊيز فرسٽ' وارو حساب لاڳو آهي نه
مڇون عطا ڪرڻ ۾ پاسخاطري ڇا لاءِ؟ زالون ڪهڙي ڳالهه
۾ انسان کان وڌيڪ آهن جو ڪين قدرت ان نعمت
کان محروم رکيو آهي. ممڪن آهي ته قدرت کان، مردن
ٻاران، زوردار لڪاءُ آهي ته زالن کي مڇون هڻڻ لاءِ
گهرجن، ڇو ته ڀلي مردانين مڇن کان سائيءَ ۾ نڪرون هجن
۽ ڏاڙهي نه هڻڻ جي ڪين رعايت ڏني وئي ته انسان
کي ڪو اعتراض نه هجي ها. جي قدرت مردن کي
ڀانڪائت ڪيو ته ماڻهن سرڪار کي زوردار اپيل ڪندس
ته مڇون وڌائڻ، هڪ مڇون رکائڻ لاءِ "قانوني ڏوهه"
ٺهرايو وڃي، پر جيڪڏهن ڪو مڇون رکائڻ جو خواهشمند
هجي ته ان شخص تي، 'هائوس ٽيڪس' 'انڪم ٽيڪس'
۽ 'سيل ٽيڪس' وانگر "مڇون ٽيڪس" لڳائي وڃي.
ان مان ملڪي طور گهڻا ئي فائدا ٿيندا ڏي -

(۱) مڇون رکائڻ وارن شخص سبب سرڪاري آمدني
وڌندي.

(۲) مڇون رکائيندڙ شخص جي مڇن جا وار ڳڻي، ان
موجب ان تي مڇن تي ٽيڪس لڳائي وڃي ۽ ان ڪم

پر خود مڇن کي به پاڻ آءِ ؟ مون اِي فخر هوندو.
مڇُون ڪوڙائڻ ڪو مردن جو ڪم آهي ڇا؟ مان ته
چوان ٿو ته مڇن ڪوڙائڻ کان موت ڀلو. تو به گهڻن
جون مڇُون ڏٺيون هونديون. پر سچ ڇڏجانءِ مهنجون
مڇُون ....

” تماشي به ڪرڻ جهڙيون آهن.“ مون کلندي چيو.

”ڪل به ڳالهه ٿاڪڻ سان مڇن جو مرتبو ٿو وڃي گهٽجو.
ڪجهه به چئجي پر مڇن ڪانسواءِ مرد ائين آهي جيئن
گهڻن ڪانسواءِ زال.

”پر ڪاڪا! مڇُون رکڻ مان نقصان به ته آهن-
ڊاڪٽرن جي چوڻ موجب، کا شيءِ کائڻ يا پيئڻ وقت،
مڇن ۾ لڳي وڃڻ سبب انهن مان بيمارين جا جيوڙا
پيدا ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو؛ ڪڏهن پڙي چڪندي
ڀڳوان نه ڪري، مڇن ۾ ڪا چڻنگ وڃي پوي ته
مڇن سان گڏ چهري جو به خير ڪونهي. ڪڏهن ڪنهن
سان وڙهندي، ڪنهن ٻئي وٽ پڪڙجي؛ مخالفت جي
مٿ مڇن ۾ وڃي پوي ته مڇن جا وار ته پٽاريءَ جي
چولن وانگر سندس مٿ ۾ پر گڏو گڏ کل کي ڀي خطرو-
اي ڳالهه ته مڇ رکائجي به ڪٽي ته ڪٽنگ لام نائي به
استعمال ڪرجي. جي سيڪرامت نائي هوندو ته مڇن جو
مڪ پنهنجي ٻاسي ڦرائل. سو به ته سٺو ٿو لڳي. وڏا
چوندا آهن ته ”جي ڪُڇون ته پٽجن مڇُون؛ ته ڪڇون
ته الله ۾ پيا ڪڇون.“ پڇي جيڪڏهن سچ چئجي ته

ڪاڪي جون لڙڪيل مڇون ٻنهي پاسن جي وٽ وانگر ٻٽ
اڀيون بيٺيون آهن. مان ته انتها ٽهڪ ڏيندي ڪاڪي
کي چيو ته - "ڪاڪا هت نه "ڏوران ڏاڙهي،
اوريان ڪٽ" وارو قصو لڳو پيو آهي.

"بس ابا! نائيءَ ٽيائي ٽڪر ۾ مڇ جو اڌ صفا چٽ
ڪري ڇڏي مڇن جي ستياناس ڪري وڌي، ٻه مڇون
ڪالسواه پيريءَ ۾ ٻه ٻوٽ اسو ٻسو پيو لڳي ٻجار (ٻوار)
مان حال في الحال جڙيو مڇون وٺي لڳايو جيستائين وري
ڄمن، ٻيو چوري جي ڪري مهنجون نه ٻه ٻه وٺون، ڇو
نه وٺون.

"مان ته چيو ته ڪاڪي جون سالن جون اڀيون
مڇون ڪاريون ٿيون آهن ۽ مهنجون اڃا ۾ ڪا ڪاٺ
آهي." مان ٽهڪ ڏيندي ڪاڪي کي چيو ته جهڙو
مهنجي ٻاڙي ۾ رهندو آهي.

Printed by Shri Radhakrishin Pribhdas at the
Amar Bharat Press, Hathi Bhata, Ajmer
&
Published by M. R. Valecha Lit. Secretary on behalf of
Sindhu Sahitya Sangat, Ajmer.

لاءِ سرڪاري ماڻهو مقرر ڪيا وڃن، جنهن ڪري بيروزگاريءَ جو مسئلو گهٽبو.

(٣) ڪوڙاهيل مڇين جي واڌن مان ٻئي قسم جي پشم (اُن) لاهي، ودهشي واپار ۾ اضافو آڻي سگهبو.

جيڪڏهن سرڪار اِن طرف ڪو به ڌيان نه ڏنو ته مان "مڇون ڪوڙايو" تحريڪ هلائي سرڪار کي اِن فرمان جاري ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندس ته ٻيا مڇين واڌن کي ڪئي واشن ۽ ٻيون سهوليتون ڏيون ويندڙون. مون سنجيدگيءَ سان ڪاڪي کي چيو.

"اَبا! تون اڃا آئي مان مس ڦٽو آهين، پر اسان زمانو ڏٺو آهي! جي سرڪار تنهنجي ڳالهه قبولي ته مان جنوري مڇرن ڪوڙائڻ کان اڳ ۾ موت قبول ڪندس ۽ پوءِ ٻلي مٺت جون مڇرن ڪوڙائين ته وٺين پيسان کي پوڙهي. مکي مدگهومل ڪٽيائين واڙو هٽي اچي رهيو چي "ڪاڪا! مڇرن ڪوڙاءِ، ڏهه پيسا في واڙ جي حساب سان ڏيڻ چڪائيندس". پر پاڻ غريبيءَ ۾ به مڇ مون نه ڪوڙائي. سو سرڪار اهڙي ئي ڪڏهن جو مولي جي مڇن جو (مڇين لئان هٿ ڦيرائيندي) واڙ ولڳو ڪري سگهي.

ڳالهين ڪندي ڪاڪي جو ليڙو پوٽو سندس ڏود ۾ اچي ويٺو آهي ڪاڪو پيار وچان سندس مٿي تي هٿ ڦيري رهيو آهي، پر اوچتو پوٽس جا هٿ ڪاڪي جي مڇن ۾ اچي پيا آهن ۽ ٿوري چڪ ڏيڻ سان

With Best Compliments from :—

LAXMI CHAND & BROS.

ENGINEERS & CONTRACTORS,

P-214, C. I. T. Scheme VI (M)

CALCUTTA_54.

هن سال جڏهن سنڌو ساهتيہ سنگت طرفان ڪتاب ڇپائڻ جو ويچار ڪيو ويو تہ اجمير جي ڪنهن بہ هڪ اديب جو مڪمل ذخيرو موجود نہ هيو. مون سنگت جي اديبي سيڪريٽري شري موٽرام ولڀا کي صلاح ڏني تہ انهيءَ حالت ۾ ڇو ڪين اجمير جي اديبن جو هڪ گڏيل مجموعو ڪيو وڃي! اهڙي قسم جي ٿوراءِ اديبي ڪاميابيءَ ۽ ٻيءَ ڪاروباري ڪاميابيءَ ۾ بحالي حاصل ڪئي. انهيءَ ڇوڪ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هن صاحب جنهن لگن ۽ شوق سان ڪم جي سر انجامي ڪري هيءُ گلدستو تيار ڪري اوهان اڳيان آندو آهي تنهن جي سرهاڻ هميشہ سنڌي اديب کي معطر ڪندي. ڪي اوان گل بہ ٽڙيا آهن ۽ ڪي گل هن گلدستي ۾ نہ اچي سگهيا آهن تن جو ذڪر هن ڪتاب جي مهاڳ ”بہ اکر“ ۾ ڏنو ويو آهي. مگر اهڙي غيبي جي هن کان گهڻو اڳ ضرورت محسوس ڪئي ويئي هئي جڏهن ٻاڻُو هريسندر جن حيات هئا ۽ اجمير جي اديبن کي هڪ ٿي ڪڙيءَ ۾ جوڙڻ جو ذڪر اڪثر هو. پر جيڪا مراد هئي تنهن جي موجوده اديبي سيڪريٽريءَ بخوبي پورائي ڪري سنگت جي سٽل شاخا کي ٿيڻ سر جاڳائي سنڌي ادب ڏانهن جا اڳتي وک وڌائي آهي سا اجمير جي اديبي تواريخ ۾ هڪ سونهري ورق ٿي رهندي جنهن لاءِ مان ڪيس دليون جاليون واڌايون ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان. اميد تہ پاٺڪ ۽ اديب هن گلدستي جي خوشبوءِ کان خود ئي متاثر ٿيندا.

هري همٿاڻي

Cover printed at Sunder Printing Press, Kaiserganj, Ajmer.